

# نڊ وليون

شيخ اياز

# ننڊ وليون

(شاعري)

## شيخ اياز

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
1992ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر هڪ سؤ چاهٺ

| | |
|---|---|
| ڇپائيندڙ | نيو فيلڊس پبليڪيشنس<br>ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ. |
| ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ | ڪمپيوٽج سسٽمس هيرآباد حيدرآباد سنڌ. |
| ٽائيٽل ڪيليگرافي | شاهد گل پيو |
| پهريون ايڊيشن | آڪٽوبر 1992ع |
| قيمت | -/55 رپيا |

(سڀ حق ۽ واسطا اداري جا قائم)

NIND WALYOON (Poetry). Written by SHAIKH AYAZ. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammed Hyderabad, Sindh. Pakistan. First Edition Ocotober 1992. Price Per Copy Rs. 55/-

## انتساب

اي موهن جي ڌرتي جي ڌرتي! جي
مان پيهه ڇهندس ته وري تنهنجي
واريءَ ڏانهن موٽي ايندس.
مون کي بي ڌرتيءَ تي ننڊ
نه ايندي.

# مهاڳ

مان ۽ رباني جڏهن شڪوهيءَ ۽ شيلا وٽ رات جي مانيءَ تي ايراني ڪلچرل سينٽر ۾ هوندا هئاسين ته پنهنجيءَ ڪيفيت ۾، اڌ رات جو گڏجي امير خسروءَ جو هيٺيون شعر گنگنائيندا هُياسين:-

همه آهوانِ صحرا سرِ خود نهاد برکف
به اُميد- آن که روزي بشکار خواهي آمد

(ترجمو: رڻ جا سَبِ هَرڻ پنهنجا سِرَ ترِيءَ تي رکي آيا، انهيءَ اُميد تي ته تون ڪڏهن نه ڪڏهن شڪار ڪرڻ ايندين)

مون تي جڏهن شاعريءَ جي ڪيفيت طَاري ٿيندي آهي (اِهڙي مهينو ڪن ٿيندي هُئي ۽ هاڻي سال ڪان وڌيڪ وقت ٿي ويو آهي ته اوڙڪون ڪري وسي رهي آهي). تڏهن ڪائنات جو هر ذرو سِرُ تِريءَ تي ڪنيو بيٺو هوندو آهي ته مان تنهنجي شڪار لاءِ آهيان. ڇا چنڊ، ڇا ستارا، ڇا ڪَتيون، ڇا هي اڪٽ سنسار، ڇا اُن جا وَن واس وارا ڦول، وليون ۽ هرٽيءَ جي اڪين واريون ۽ گهنگهور گهٽائن جهڙيون من- موهٽيون ناريون، سڀئي پنهنجو پاڻ آڇي چوندا آهن ته اسان کي منظوم ڪر، اسان جي حُسن کي پايندگي عطا ڪر، زندگيءَ ۾ موت کي مسترد ڪري، اسان کي ان ازلِ ابد سان همڪنار ڪري ڇڏ

جو ٿنهنجيءَ شاعريءَ ۾ ڇوليون هڻي رهيو آهي؛ تون جو موت کان متاثر ٿيل آهين. اسان کي اَن امرتا مان ڇُڪي ڏي جا، اسان جي سوٽن کي جُر موت جي چڪر مان آزاد ڪري ڇڏي.

ان تي سوچيندي مون کي آندري بريتون جو هيٺيون سُوريئلي شعر ياد ايندو آهي.

* ڪَويءَ جو ڀڪ
پيارَ جي ڀڪ وانگر
جيستائين ڀڪيو رهندو آهي،
تيستائين هن سنسار جي ڏکَ ۾
واپس وَرڻ نہ ڏيندو آهي.

ماضيءَ، حال، مستقبل جي ڏارا روڪجي ويندي آهي ۽ منجر جي ڇَر تي ويندي آهي، جنهن تي مانگهہ جا تارا، مڇين وانگر نہ رڳو پاڻيءَ ۾ ٽِبڪندا آهن پر اُنهن آڙين جي اکين ۾ بہ تمڪندا آهن، جيڪي ڪنهن وقت سَرن ۾ ڪائي سَر سراهٽ پِڌي جاڳي پونديون آهن ۽ ڇَر تي مَست هوا مون کي پنهنجي آغوش ۾ وٺي جوندي آهي، 'هر ڪوئي توتي آکن ڇَکن آهي. اُنهن کي پنهنجي اَمرتا ڏي، اَمرتا جا ٿنهنجي ٻولي اَن لفظ سان وراهي تي، جنهن "ڪَن" چئي هئي ۽ جو ڪجهہ بہ ڪونہ هو، اهو وجود ۾ آيو هو، نيستي هستيءَ ۾ ڦلي ڦولي هئي؛ ٿنهنجي تخليق، جنهن جو تون خالق آهين، پنهنجي پاڻ ۾

* The poetic embrace like the carnal, while it endures
Forbids all lapse into the
miseries of the world
(Andre Breton)

اِهو اِسرار سَمائي ٿي جو تون بہ شعوري طرح نہ ٿو ڇاڻين!'
اٺين صديءَ جي مشهور هندستاني فلسفيءَ شنڪر آچاريا کان ڪنهن پُڇيو هيو "تون اسان کي هيءَ سِرشٽيءَ سمجهائي سگهندين؟" اِن تي شنڪر آچاريا چيو هو: "ڌرتي تان هي ٻڙ جو ٻج کڻ! انهيءَ کي ڀڃي ڏس تہ اُن ۾ ڇا هي؟"
سوال ڪندڙ ٻج ڀڃي چيو هو تہ "اُن ۾ تہ ڪجهہ ڪونهي" تنهن تي شنڪر آچاريا چيو هو "ان 'ڪجهہ بہ نہ' مان هي سارو وڻ ۽ ان ۾ سڀ ڪجهہ پيدا ٿيو آهي".
انسان جو 'ڪجهہ بہ نہ' آهي، 'ڪجهہ بہ نہ' ۾ موٽي وڃي ٿو، پاڻ ۾ انهيءَ ٻج جو صلاحيتون ڪيئن سانڍي ٿو، جو اهو نہ رڳو سائي دار ٻڙ ٿئي ٿو پر اُن جي چوٽيءَ تي پوئين پَن مٿان هڪ نرم ۽ نفيس ڪيڙي وانگر هن ڪائنات جو مشاهدو ماڻي ٿو ۽ اُن ٻڙ ۾ جيڪي ڌرتيءَ کان ٻاهر آهي، ان حصي کان گهڻ اهم آهي جو ڌرتيءَ جي اندر آهي ۽ ان مان خورش حاصل ٿو ڪري ۽ اُن کي واڇوڙي ۾ جَهل ڏئي بيٺو آهي.
مون ان شاعريءَ ۾ فرائڊ واريءَ اندرئين حقيقت کي بہ ڏٺو آهي ۽ اُن سان گڏ آندري بريتون، لوئي آراگون، ترستان زارا (Tristan Tzara) جو نظم ۾ ٻاهرينءَ حقيقت سان هيگل جي فلسفي وانگر نياءُ بہ ڏٺو آهي، مون خود محسوس ڪيو آهي تہ ڪيئي شيون گڏجي مون کي چَون ٿيون "اسان کي پنهنجن ٿَنرن ۾ ٽُڙڳڻ ڏي". مون ويهارو سالن جي هڪ عجيب و غريب عورت ڏٺي، جنهن کي هرٽيءَ جهڙيون اکيون هيون، اهڙيون اکيون مون اڳي ڪٿي نہ ڏٺيون آهن. ڪُومَل، ملايم،

گهريون، موهٽيون، مقناطيسي اکيون، جن ۾ حرص و هوا جو ٻارڻ ٻري رهيو هو، هُن کي يورا ناسي وار هُيا جي هُن جي مُنهن تي ڇرڪي رهيا هيا. اُن پنهنجين اکين سان اِلتجا ڪئي "مون کي منظوم ڪر!"

مون ڪٿي پڙهيو آهي ته پئرس ۾ اهڙو دؤر به هُيو جڏهن دي آنيونزو (D' Annunzio) جي پوڄا اهڙيءَ چوٽَ تي پهتل هئي، جو هُن جي دور جون ڪيتريون ئي خوبصورت عورتون هُن سان عشق ڪرڻ لڳيون هيون. اُن وقت هن پنهنجي هر لاڏلي ۽ گهٽگهري جي ويس کي جرڪائي ڇڏيو هيو. انهن مان هر هڪ فاني بَني بشر ڪان مٿي تي لڳي، جڻ عجيب و غريب تجلي جي گهيراوَ ۾ هئي، جڻ وچ ۾ ڪائي زيتونن سان ڀرپور تاري لڳي رهي هئي. جڏهن شاعر جو پُور پورو ٿيو، تڏهن تجلي گم ٿي وئي ۽ عورت ساڌارڻ مٽيءَ جي مورتي نظر آئي، جنهن پاڻَ به نه ٿي ڄاتو ته هن کي ڇا ٿي ويو هو، پر هُن کي معلوم هو ته هُن جا پير ڌرتيءَ تي وري ٽِڪا آهن. اها ڪيفيت ڀٽائيءَ يا منهنجيءَ شاعريءَ ۾ نه آهي. ڪُنَ جا ڪڙڪا ۽ وچ جا ڪڙڪاٽ ٿي رهيا آهن. پيلو ڀَڄي پيو آهي، سُهڻي چَنڊ جي روشنيءَ ۾ اڳي وانگر سهڻي آهي ۽ درياهه اُن ڦيراٽيون ڪائي رهيو آهي، جيئن مستانا پيرن جا زنجير گهليندا آهن. نه مون سهڻيءَ کي ٻوڙيو آهي، نه ڀٽائيءَ ٻوڙيو آهي. جيئَن ڀٽائي جي ’منڌ مهراڻ کي ٻوڙيو آهي، اِئين مُنهنجي سُهڻي تا آبد لهرين ۾ لڙهندي رهندي ۽ ٻڏي نه ٻڏندي، مون شاعريءَ کان دم-عيسيٰ ۽ يد- بيضا وارو ڪم ورتو آهي ۽ جڏهن شعر لکيو آهي تڏهن ماضي، حال ۽ مستقبل ساهه ڪڍڻ ڇڏي ڏنو آهي ته

جيئن منهنجيءَ تخليق ۾ مُخل نہ ٿين.

ان ريت نہ فقط خوبصورت عورتون پر آرٽ جا ڪيئي شهپارا مُنهنجي تحت الشعور ۾ رهيا آهن. جنهن وقت مون شعر لکيو آهي. (هونءَ بہ خدا جميل آهي ۽ يحب الجمال آهي. هر خوبصورت شيءِ هُن پنهنجي خاص تُوجَہ سان ٺاهي آهي). هِن وقت جڏهن مان بستري داخل آهيان. مون کي ريمبرانٽ (Rembradnt) جي تصوير پول گهڙي سوار (Polish rider) ڪيئي ڪَهاڻيون ٻُڌائي رهي آهي. ان تصوير ۾ رومان آهي. تنهائيءَ جو شدت سان احساس آهي. اِهو خطرو بہ نظر اچي رهيو آهي جو جنگ ۾ ڪنهن بہ سپاهيءَ کي پيش اچي سگهي ٿو. آس پاس ڪنڊر آهن ۽ گهوڙي جي مُنهن توڙي گهوڙي جي ٽاٽيل ناسن مانِ اُن جي جاکوڙ پڌري آهي. اِن هوندي بہ سوار بي پَٽو آهي ۽ سِرَ جو خيال لاهي وڃي رهيو آهي. ممڪن آهن تہ جنهن انڌيري مان هن کي وڃڻو آهي، اُهوئي موت جو انڌيرو ثابت ٿئي. اها تصوير منهنجي اکين ۾ آهي. جڏهن نرس اچي مون کي پٽيڊرن جي انجيڪشن هڻي ٿي ۽ ٿوري دير ۾ مون تي بيهوشي طاري ٿي وڃي ٿي.

جيئَن ٿي زندگيءَ جي اختتام جو احساس مون ۾ وڌي ويو آهي اُئين مون پنهنجي نثر ۽ نظم کي تيز تر ڪري ڇڏيو آهي ۽ بقول علامہ اقبال:

هستم اگرمي رَوَم، گر نہ رَوَم نيستم

(آهيان جي هلان ٿو ۽ جي نہ ٿو هلان تہ نہ آهيان)

مون اڳ ۾ ٿي چيو آهي تہ هيگل ٻاهرينءَ حقيقت تي زور ڏيندو هو پر مون هينئر ٻاهرين حقيقت ۽ اندرين حقيقت کي

ائين پيش ڪيو آهي، جو اهو اندازو لڳائڻ مشڪل آهي تہ اوليت ڪنهن کي آهي. ٻاهرين حقيقت جا بہ مُنهنجيءَ شاعريءَ تي ڪافي پاڇاوان آهن. مون قدر ڪڏهن بہ اِضافي (Relative) نہ سمجهيا آهن، جيئن اشتراڪي دانشور ڪرسٽافر ڪاڊويل (جو اسپين جي جنگِ آزادي ۾ ماريو ويو هو) پنهنجن ٻن ڪتابن مرندڙ ثقافت جو مطالعو (Studies in dying culture) ۽ 'مرندڙ ثقافت جو وڌيڪ مطالعو' (Further Studies in dying culture) ۾ ڏيکاريو آهي ۽ اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ محبت، دوستي، وفاداري، غيرت، شرافت، عزّت نفس وغيره جاگيرداري دؤر جا قدر آهن. مون هميشه اهي قدر مستقل (Absolute Values) سمجهيا آهن. سونهن جو تصور، جو مون هن ڪتاب ۾ ڏنو آهي، اهو بہ ڪراسٽافر ڪاڊويل جي تصور کان مختلف آهي، جنهن جا قدر مان بلڪل مسترد ڪيان ٿو ۽ اُنهن جي مادي تاويل کي ڪميونزم جي تباهيءَ جو ڪارڻ ۽ اُن ۾ ابليس صفت انسانن جي موجودگيءَ ۽ نمايندہ حيثيت جو سبب سمجهان ٿو، جنهن ڪري يو- ايس- ايس- آر ختم ٿي وئي.

تائوءَ (Tao) جي هڪ پُراڻي چوٽي آهي تہ ڪنهن بزرگ ننڊ ۾ خواب ڏٺو هو تہ هُو پوپٽ آهي. جڏهن هن کي ننڊ مان جاڳ ٿي تي ان ڳالهہ تي اچرج ڳاڌائين تہ خواب ڪير ڏسي رهيو هو! ائين تہ نہ هو تہ هو پوپٽ هو ۽ تصوّر ۾ ڏسي رهيو هو تہ هُو فلسفي هو؟

بيماريءَ ۾ بہ منهنجو من پوپٽ وانگر ڦلواڙيون ڦرندو

رهيو هو، نہ رڳو من- موهنا ماڻهو اکين اڳيان ڦرندا ها پر اهي صحبتون، اُهي سير، اُهي سفر، اُهي گل، ٻوٽا، وليون، واهہ، رستا، رَميل راتيون، ڇَميل ڪچهريون، اهي ڇهرا جي تاريخ جي طوفان ۾ اخبار جي پنن وانگر اُڏامي ويا، اهي پيار جي سياست جي ستم ظريفيءَ جي باوجود زندهہ رهيا ۽ ائين ٽڙي پيا جيئن برسات ۾ ٽَرَ ٽِڙي پوندو آهي ۽ جڏهن مورُ رقص ڪندو آهي، تڏهن ڪڪر اُن کي جُهڪي داد ڏيندا آهي ۽ شفق انهن ڏانهن اشرفيون اُڇليندي آهي. اهي سڀ ياد اچي رهيا ها. مُنهنجو بيماريءَ جو بسترو تہ نہ هو اُمراءَ جان آدا جو مُجرو هو ۽ نيم خوابيءَ ۾ هر ڊاڪٽر مرزا رُسوا وانگر نظر اچي رهيو هو. ڪيئي يادگيريون ساوڻ جي گهنگهور گهٽائن وانگر ڇانئجي ويون هيون. پنهنجو نندپڻ ياد اچي رهيو هو. شڪارپور جا باغ، پڊرا ۽ لوڙها، ڪوهہ ۽ کهاڏا، هُرلا ۽ نار، واهہ ۽ ڪَڙيا، ڪَنوانيون ۽ پاچاريون، وڏندڙ اويڙ ۽ ٻارا، انهن ۾ وچِايل واهہ جي مٽي، قَلم ۽ اوڌ، ڪُونديون ۽ ٽيڪوُن، ڪوڏريون ۽ چنجوُر، رَنبا ۽ ڏانداريون..... ڇا ڇا نہ پٺي ياد آيو...! هو سوُٻٽ، جن کي مان احتياط سان ڪٽندو هوس تہ جيئن اهي ٻوٽ تي اُڏري وڃن ۽ ائين ئي انهن جا ڪچا پَر پنجي نہ پون ۽ هو ٻوساتجي نہ مرن (جا ڳالهہ مون کي اڪثر پيار جي معاملي ۾ ياد ايندي آهي) هو ماڪوڙين ۽ ڪِولِين جا ٻرَ جن تي مان لَت ڪڏهن بہ نہ ڏيندو هوس، هو ڳاڙهين نندڙيون جي تازا ساوا پن ڪائي ويندڙيون هيون، جيئن ڳيرو الهڙ جوانيءَ ۾ عشق ڪندا آهن، هو ڏيڏريون جن کي ڇيباڻ گناهہ سمجهيو ويندو هو، توڙي هُو ٽَر ٽَر گهٽي ڪنديون

هيون، هوءَ وٽن جي چانگَ جا موت وانگر با معنيٰ هئي ته جيئن نوان گوٺ ڦٽي سگهن ۽ انهن جي اوسر ۽ والار لاءِ جاءِ بچي سگهي، هو باغن ۾ تورين ۽ ڪريلن جو وليون جن جا ڏرتيءَ تي اچا ۽ پيلا گل، ٻارن جي چمين وانگر پکڙيل هوندا ها! هو پياٽي جو تمثيلي اطلاع 'سوٺا، پالڪ چوڪا' جو هاڻي مونکي بار بار ياد اچي رهيو آهي. 'پلڪ ستين ته چڪي وڻين' ۽ مان جنهن وقت ننڊ جي گوري ونندو آهيان تنهن وقت خدا کي چوندو آهيان ته 'يا خدا، تو وٽ پنهنجي زندگي رات جو امانت رکان ٿو ۽ صبح جو توکان موٽائي ونندس'. جڏهن صبح جو ننڊ مان اُٿندو آهيان ته خدا جو شڪر ڪري چوندو آهيان ته 'تو مون کي هڪ ڀيو به ڏينهن ڏنو'؛ جڏهن سج جي تيک ۾ سورج مکيءَ جا گل ٽڙندا تڏهن ممڪن آهي ته سورج مکيءَ جا ڪيت ڏسي دنيا ۾ هڪ ڀيو به وان گوگ پيدا ٿي پوي! آخر دنيا هڪ ئي ته وان گوگ پيدا ڪيو آهي، جنهن آرٽ کي پنهنجو جيوَن ارپن ڪيو، جنهن جا پيلا رنگ ڏسي ماڻهو ائين چوڻ کان نه رهندا ها ته خدا کي جي ڪوئي رنگ هجي ها ته اهو پيلو هجي ها. پيلو رنگ معصوميت جي نشاني آهي ۽ منهنجو پسنديده رنگ آهي. معصوميت معصيت جو ضد آهي ۽ خدا ٻنهي کان مٿي آهي ۽ اُن جو ڪو رنگ ٿي نه ٿو سگهي. 'بي رنگيءَ رنگ بنايا اِي' شايد سچل سرمست جي سِٽَ آهي. (سچل کي خبر نه هئي ته سندس نالو اِضافي آهي ڇو ته سرمست سڀ سچل ٿيندا آهن. اها ٻي ڳالهه آهي ته سڀ سچل سرمست نه ٿيندا آهن).

سو مون چيو ٿي ته بيماريءَ ۾ مون کي ڪيئي گل به ياد

اڇي رهيا ها، جن جي وچ ۾ مون زندگي گذاري هئي ۽ مان چئي نٿو سگهان ته بهشت جي باغ ۾ ايترا گل هوندا يا نه! انهن گلن ۾ هڪڙو گل رابيل جو هو ۽ فرشتا هوندا ته انهن جا ڳل انهيءَ گل جهڙا هوندا (تڏهن ته امير خسرو پنهنجي فارسي شاعريءَ ۾ نئي جي موتئي جو ذڪر ڪيو آهي)، ۽ هوءَ جا رابيل جهڙي هوندي هئي ۽ اجا تائين منهنجي من ۾ ڪڏهن به نه مُرجهائي آهي! هو رابيل جهڙا قرني جا گل جن سان شاهي باغ جهنجهيو پيو هوندو هو ۽ جن جي تيز خوشبو انهن محبوبائن جي شوخي ياد ڏياريندي هئي، جي پيار جي اظهار کان وَنءِ ويندي هيون. مون ننڍپڻ ۾ ڪيئي شرم ٻوٽيون ڏٺيون. جيستائين هڪ سورجُ مکيءَ سان ملاقات ٿي، جنهن پيار جي تاوَ ۾ پنهنجو پٽيون کولي ڇڏيون هيون. هُو شاهي باغ ۾ جُهڙالا ڏينهن ۽ چاندوڪيون راتيون، هو غالب جي فارسي غزلن وانگر رنگا رنگ گلاب، دائودي، نازبو، زنگي، چنبيلي، مُگرا، چمڪڻيءَ جا پيلا ڇڳا، جيءَ ۾ ٻيهي ويندڙ جَرينيم، گل عباسي، گل اشرفي، هو واڱڻائي، ڪاري، لال ٽلسي ۽ رام ٽلسي جنهن کي هندو پوڄيندا ها ۽ مون هڪ هندوءَ ڇوڪريءَ کي چيو هو ’هائو، تون ٽلسيءَ جي ٻوٽي وانگر پَوتر آهين پر توکي به جي ڀاڱي نه ملندو ته مرجهائجي وينديءَ‘.

ٻيا به ڪيترائي گل ٽيندا ها شاهي باغ ۾، ۽ هو توت، انب، زيتون، انجير جن تي ميڙها ۽ طوطا آڏامي ايندا ها، هو بيگاري ۾ ٻُرڙڪا ڏيندڙ مِجبون- اهي سڀئي مون کي چوندا ها ’ائين نه وڃ، اسان کي پنهنجي شاعريءَ ۾ امر ڪري وڃ!‘ مان

چئين بجي صبح جو باغ ۾ ويندو هوس، جڏهن چنڊ رستي تي شوالي جي ڪَلس ٿي بيٺو هوندو هو ۽ نيرن وقت موٽي ايندو هوس. وري باغ ۾ موڪل جي ڏينهن ڪتاب کڻي ويندو هوس ۽ سڄو ڏينهن اُتي گذاريندو هوس ۽ اُتي ئي مون شاهه، سچل ۽ سامي پڙهيو ۽ انهن جا بيت، ڪافيون ۽ سلوڪ رابيل ۽ قرني جي خوشبوءِ سان واسجي ويا.

رِلڪي چيو هو ته هڪ مشاهدي کي شعر جي سٽ ٿيڻ لاءِ ڪڏهن چاليهارو سال لڳي وڃن ٿا. مان جڏهن بيمار هوس ته اسپتال جي ڪمري ۾ هوندي به چڻ هڪ وڏي باغ ۾ هوندو هوس ۽ جڏهن ڪوئي دوست گل شبو تحفي طور موڪليندو هو، تڏهن چڻ ڪنهن بهشت جي شاهي دروازي جو ڪلف کولي ڇڏيندو هو. مون کي پَڪ هئي ته موت مون کي ماري خساري ۾ ويندو ڇو ته اُنهيءَ تجوريءَ جو ڪُنجيون ته هُو مون کان ڪسي نه ٿو سگهي جنهن ۾ مون وٽ اُهي هيِرا آهن، جي سومنات جي هيِرَن کي به مات ڏئي سگهن ٿا. جي غزنيءَ کڄي ويا ها. هو اُهي سرءُ ۽ سيارا، بسنت ۽ اونهارا ڪڏاچت وڃائڻ نه چاهيندو جي مون من ۾ سانيي رکيا آهن ۽ ان انتظار ۾ آهن ته ڪڏهن ٿا اسان ڪويتا جو روپ وٺون!

اِهي سپ جاڳ- سپنا مُنهنجي من ۾ هڪ سرئيلسٽ شاعر وانگر ايندا ها. سرئيلسٽ شاعرن شاعريءَ جي شروعات فرانس ۾ ڪئي هئي ۽ جي قبل از وقت ختم ٿي ويا، ڇو ته اُهي فرائڊ ۽ هيگل جا مداح ها. جي ٻئي جرمنيءَ جا ها ۽ فرانس جون جرمنيءَ سان جنگيون ڇڙي پيو هُيون ۽ هنن جو آرٽ تعصب جي زد ۾ اچي ويو هو ۽ اُها تحريڪ گهڻو وقت هلي نه سگهي

هئي، نہ تہ اپالو نيئر ئي ’هڪ رانجهو لکان دا مت‘ هو، آندري بريتون تہ ايجا بي انمول شيءِ هو.

شايد قدرت چاهيو ٿي تہ مان پنهنجي زندگيءَ تي سارو وقت سوچي سگهان ۽ ان ڪري مون کي بستري داخل ڪيائين، جو تہ مان بہ تہ غالب وانگر چوندو رهندو آهيان،-

فکر دنيا مين سر کهپاتا مين

مين کهان اور يہ وبال کهان!

منهنجي هن ڪتاب ۾ حقيقت نگاري بہ آهي ۽ سرئيلزم بہ آهي. مان ڀانيان ٿو تہ سرئيلزم سڱلويڊار ڊاليءَ جي موت سان گڏ ڪجهہ سال اڳ مئي نہ آهي ۽ دنيا ۾ وري ڪنهن وقت اُڀري ايندي ۽ خواب ۽ حقيقت هڪ اِڪائيءَ وانگر ٿي ويندو.

حقيقت مري ويندي آهي، خواب نہ مرندا آهن. خواب فقط ٿوري وقت لاءِ وسري ويندا آهن. ڪنهن وقت اُهي خواب-پريشان وانگر ٿِڪي مونجهاري ۾ ڇڏي ويندا آهن. پر شاعري جنهنجو بنياد خواب آهن، امر هوندي آهي ۽ اُن کي ڪوئي زلزلو ڊاهي نہ سگهندو آهي.

مون بيماريءَ ۾، ڊاڪٽرن جي مشوري خلاف شاعريءَ جا ٽي جلد (اٽڪل پنڌرنهن سَو صفحا) ’ڪتين ڪرَ موڙيا جڏهن‘ جي نالي سان، ٻہ جِلد ’سورج مکيءَ سانجهہ‘ (اٽڪل ڇهہ سو صفحا) جي نالي سان ۽ نثري شاعريءَ جا ڇهہ جلد ’سر لوهيڙا ڳِپيا‘ جي نالي سان (اٽڪل ١۴٠٠ صفحا) لکيا ۽ هي ڪتاب ’ننڊ وليون‘ بہ لکيو . مون موت کي چيو تہ ’ترس! مون تي ڪيترين ئي محبتن جو قرض آهي، ڪيترن ئي ڳلن، ڳچين ۽ چَپن جو قرض آهي جي مون چُميا ها ۽ جن وَرائي مون کي

چميو هو. انهن ڏکهن وارن جو قرض آهي جي مون لَسايا ها ۽ جي ڳرائين پائيندي منهنجن ڪُلهن تي ڪِريا ها. انهن راتين ۽ اُنهن ٻاڪن جو قرض آهي جي منهنجي ٻڪ ۾ گذريون هيون. مون ڪي اهو قرض لاهڻ ڏي! انهن سيني ڪي شاعريءَ ۾ زنده جاويد ڪرڻ ڏي! مان هي دنيا هڪ مغرور قرضيءَ جي حيثيت ۾ ڇڏڻ نه ٿو چاهيان' ۽ پوءِ هن مون ڪي مهلت ڏني آهي، منهنجيءَ مرضيءَ موجب مهلت ڏني آهي. اڃا ته منهنجي اندر جي مانسرور مان ڪيئي نديون ڦٽيون آهن ۽ گُڙگاٽ ڪري وَهيون آهن. ڏسجي ته موت ڪيترو وقت انتظار ٿو ڪري! متان مان هَن ڪان وِسري وڃان!!

هي ڪتاب ڏسي جيڪڏهن ڪو اشتراڪي آدرشي پنهنجي نَڪ ڪي موڙو ڏِئي ته مان هن ڪي پڪاسو جي زندگيءَ مان هڪ واقعو ٻڌائيندس:-

هَڪ ڀيري ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ڪانگريس ڪيترائِي اهم ماڻهو، پڪاسو سوڌا * وارسا ۾ گهرايا هئا. پول گهڻو ڪري فراخدل ۽ خودمختيار رهيا ها (هاڻي ته ماسڪو جي غلاميءَ مان آزاد ٿي چُڪا آهن ۽ اُتي ليڪ وليسا جي ساليدارٽيءَ جي حڪومت آهي) ۽ اُنهن ڪي اهو خواب خيال به نه هُيو ته اُتي ڪوئي پڪاسو جي مصوّريءَ تي سياسي تنقيد ڪندو. مانيءَ جي خاتمي تي، جڏهن شراب جا جام پيتا وَيا، تڏهن سوويت يونين جي عيوضين مان هڪ اُٿي بيٺو ۽ چيائين ته هو اهو ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو هو ته پڪاسو به ڪانگريس ۾ آيو هو پر ان ڪانپوءِ چيائين ته 'اها افسوس جي ڳالهه آهي ته

* وارسا: پولنڊ جي گادي.

پڪاسو جي مصوري تخريبي آهي ۽ هو مغرب جي بدترين بورجوا ڪلچر جو نمائيندو آهي'. هن پڪاسو جي مصوري کي اِمپريشنسٽ- سَرئيلسٽ (Impressionist- Surrealist) مُصوري ڪوٺيو. جڏهن هو ويهي رهيو ته پڪاسو اُٿي بيٺو ۽ هُن کي چيائين: 'مون کي اهو نه ٿو وڻي ته ڪوئي پارٽيءَ جو وَهُو ڍڳو (Party hack) مُنهنجي باري ۾ اِئين ڳالهائي. بهرصورت مونکي اِمپريشنسٽ- سَرئيلسٽ مصوّر چوڻ ايترو اثرائتو ڪونه آهي، جيڪڏهن هُن کي منهنجي توهين ئي ڪرڻي آهي ته هو درست اصطلاح ڪم آڻي ۽ ڪيوبزم (Cubism) جي باني هجڻ جو الزام مون تي ڌري'، پڪاسو وڌيڪ چيو ته مون کي "جرمنيءَ ۽ فرانس ۾ نازين اِهو چئي نِنديو هيو ته مان يهودي- مارڪسٽ (Judaeo- Marxist) مصوّر آهيان ۽ اهڙي قسم جي گفتگو تاريخ جي بُري دؤر ۾ ٿيندي آهي ۽ اهي ماڻهو گندا آهن جي تيز هوندا آهن....." اِن تي ڪانگريس ۾ آيل عيوضي جوش ۾ اَچي ويا ۽ هيڏانهن هوڏانهن جا اعتراض ٿيا. پولَن سيني کي ٿڌو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ چيو ته 'شايد پڪاسو جون ڪجهه تصويرون تخريبي هُجن پر روسين کي هُن جي مهمان جي توهين ڪرڻ جو حق نه هيو."

اِهي روسي بيوروڪريٽ جي آرٽ جي باري ۾ نِرا ڍڳا هُيا، انهن کان ته گوئرنگ هزار ڀيرا چڱو هيو، جنهن يورپ مان ڦُر ۾ هَٿ آيل آرٽ پنهنجي قبضي ڪيو هو ۽ ان کي جِند جان کان وڌيڪ پيارو ڀائيندو هو.

اڄ ڪلهه ماسڪو ۾ اُهي گدام کوليا ويا آهن، جتي آرٽ جا شهپارا، جي بورجوا ۽ تخريبي چئي هڪبئي مٿان سَٽيا ويا ها

۾ گدامَن ۾ تالي چاڙهيءَ هيٺ رکيا ويا ها. ساڳيءَ ريت منهنجن ڪتابن تي اسلام آباد جي بيوروڪرسيءَ بندش وڌي هئي، جا ڪُند فهميءَ ۾ ادب کان اڻ ڄاڻائيءَ ڪري وڌي وئي هئي. هتان جا فاشسٽ حاڪم ته گوئرنگ ۽ ڪائونٽ ڪِيانو جهڙا ماڻهو به پيدا نه ڪري سگهيا آهن!

مون کي معلوم آهي ته قطب مينار جيڏو ٿيڻ چڱو نه آهي ۽ ايتري قدآور شخصيت کي فقط سرمد جهڙو ماڻهو سمجهي سگهيو ٿي ۽ اُها سمجهه هر انهيءَ شخص ۾ نه هئي جو دهليءَ ۾ جامع مسجد جي ڏاڪي تي سُمهندو هو. فن جي پَرک ۾ اورنگزيب ۽ مُلا قوي، ٻئي نااهل ها ۽ جي تلوار سرمد جي هٿ ۾ هجي ها ته هوَ اهو چئي ٻنهي جي جان بخشي ڇڏي ها ته 'اوهان تيغ آهيو، اوهان منهنجي تلوار جي ڌڪ جي لائق نه آهيو.'

ٽن سالن کان مٿي عرصو ٿيو آهي ته مان ڪراچيءَ ۾ رهان ٿو، جا ڪنهن وقت سنڌ جي دل هئي ۽ هن وقت اُن جو مفلوج عضوو آهي. هاڻ سنڌ جا هنومان ۽ اُنهن جي سِياسِي باندر سئنا هِتي رهي ٿي ۽ هِتي وڏا بنگلا ٺهرايا آڻائون ۽ اُهي سنڌي عوام، عوام ته گهٽو ٿا ڪن پر باندر پنهنجي پڇ مان پَري کان پڌرا هوندا آهن. جڏهن هوَ مونکي ڪنهن سرڪاري تقريب تي صدر يا مهمان خصوصي ڪري، منهنجي عزت افزائي ڪندا آهن ته منهنجي دل ۾ فرينچ مصوّر وان گوگ وارو سوال ايندو آهي

---

* مُلاقوي: اورنگزيب جي دَور ۾ قاضيءَ القضات، جنهن فتويٰ ڏني هئي ته سرمد واجب القتل آهي.

تہ ’ڪيرُ ڪَنهنجي عزت افزائي ڪَري رهيو آهي؟‘ بهرصورت مان مجبوريءَ ڪان هن درندي صفت شهر ۾ رهيو پيو آهيان جو ديومالائي ● ڊنوسار (Dinosaur) وانگر روزبروز وڌي رهيو آهي. دراصل مان سکر مان ڪراچيءَ شرنارٿي ٿي آيو آهيان، جو هر وڏي شهر وانگر ميڪانڪي ۽ مصنوئي آهي، جنهن ۾ سرمايداري تہ آهي پر هڪ فلاحي مملڪت جو تصور بہ ڪري نہ ٿو سگهي، جنهن ۾ ڪيئي ماڙِ اوچا ماڙا آهن ۽ انهن سان گڏ ’غريبن جو جهوپڙيون آهنْ جي مينهن ۾ جُهري پون ٿيون‘ ۽ انهن کي ”بيوس“ جي دعا بہ بچائي نہ ٿي سگهي، جتي جَرّتو ڪمپنيون آهن جي بيواهن ۽ پير سَن ڪان ساريءَ عمر جي بچايل پُونجي، ڪپڻ پنيلائي ڦري وٺن ٿيون، جتي قتل، ڌاڪہ زني ۽ اغوا جا واقعا ڏينهن رات ٿين ٿا، جتي گاڏيون انهيءَ نيت سان تيز هلايون وڃن ٿيون تہ پل پار چيتاڙجي، چيچي وڃن ۽ مسافر توڙي راهگير ڪَلٽيون کائي ڪِرن ۽ جتي منشيات ۽ عصمت فروشيءَ جا اڏا عام جام آهن ۽ پوليس انهن ۾ حصي دار آهي ، مطلب تہ جي شيطان مصوّريءَ جو ماهر هجي ها تہ دوزخ جي تصوير انهيءَ کان مڪروهہ نموني نہ ڪڍي سگهي ها. اها ساڳي حالت مان بمبئيءَ ۾ ڏٺي، جتي اسانجي صاف ستري ’روز ووڊ هوٽل‘ جي سامهون، ماٿهو سارو فوٽ پاٿ والاريون پيا هوندا هٿا. ڏنڌو بہ اُتي ڪندا ها. سُمهندا بہ اتي ها، سرو سامان بہ اُتي رکندا ها؛ تنهنءَ بمبئيءَ ڏانهن ويندي تہ هو رستي جي هڪ پاسي جهوپڙين ۾ رهندا

● ڊنوسار: هڪ وڏي بلا جا قديم ماضيءَ ۾ هوندي هئي ۽ جنهن جو وجود ختم ٿي چڪو آهي.

ماندويءَ نديءَ تي سهڻو سفر ڪيو ۽ گوائي ناچ ڏٺا ۽ پورچوگيز موسيقي ٻڌي ۽ دل تي جا بمبئيءَ جي دونهاتيل گهٽ ٻوساٽ چانيل هُوئي گهتجي وئي ڇو تہ گوا ۾، اتر توڙي ڏکڻ ۾ فقط ڏامر جو رستو ظاهر هو ۽ چوڏاري وڻ ئي وڻ، گل ئي گل، گاهہ ئي گاهہ هُيو.

مان هاڻي سکر تہ موٽي نہ ٿو سگهان ڇو تہ منهنجي گهر جي چوڌاري دهشت گرد رهندا آهن جن نہ رڳو سارو سرو سامان چوري ڪيو آهي پر گهر جا دروازا بہ پٽي ويا آهن ۽ جاءِ پڙيانگ پئي آهي. اِها اجوڪيءَ سنڌ جو سمبل آهي ۽ ائين رهي تہ بهتر.

شهر ۾ ساندهہ رهي اندرونِ سنڌ جو يادگيريون تہ اچن ٿيون پر شهر جو بہ شاعريءَ تي اثر ٿئي ٿو. جو هن ڪتاب تي بہ آهي. دنيا ۾ ٽي شاعر ٿيا آهن، جن شهري زندگيءَ جي باري ۾ بهترين شاعري ڪئي آهي. مايا ڪوفسڪي، ڪرين (Crane) ۽ بودليئر. پهريون روسي هو، ٻيو آمريڪي ۽ ٽيون فرانسيسي. پر پهريون ٽي. ايس. ايليٽ جو ذڪر ڪيان، جنهن جي شاعريءَ ۾ مخصوص شهري جديديت آهي. هو چوي ٿو:

يروشلم، آٿينس، اِسڪندريہ
ويانا، لنڊن
* غير حقيقي

هو انهيءَ نقطي جي تلاش ۾ هو جو دائري جي تَري ۾ هوندو آهي ۽ هن کي اُميد هئي تہ تاريخ جو ڦيٿو ڦري رهيو آهي

* Unreal

۽ اهو نقطو نيٺ اُبري اَچٿو آهي. هن شهري عوام ۾ رڳو بگاڙ، ڪپُوتي ۽ اَسڦلتا ڏٺي ۽ مسيحيت ۾ پناهه ڳولي. اڄ ماديت جي تباهيءَ ڪانپوءِ ٽي. ايس. ايليٽ جي دور انديشيءَ جي صحيح ثابت ٿيڻ جو امڪان آهي.

مايا ڪوفسڪي ۽ ڪرين غير حقيقي شهر جي غير حقيقيت، آرٽ جي ناڪاميءَ سان منسوب ڪئي آهي. ڪرين هيلن آف ٽراءِ ڪي ٽرام (Street Car) ۾ سفر ڪندو ڏسي ٿو ۽ مايا ڪوفسڪي شهري پرولتاريت کي گدگد ٿي صدين جو ڪرتا سمجهي ٿو. ٻنهي جي شاعري شهري زندگيءَ کي نئين زندگيءَ عطا ڪئي پر پوءِ ڪرين ١٩٣٢ع ۾ پاڻ کي ٻوڙي ماريو ۽ مايا ڪوفسڪيءَ ١٩٣٠ع ۾ ريوالور سان خودڪشي ڪئي.

اِها ڳالهه شهري شاعري جي انقلابي نظرئي تي هڪ اُباڻڪي ۽ ڏک ڀَرئي ٽيڪا ٽپڻي آهي. اِتي بودليئر ياد اچي ٿو جو چئي ٿو ته انبوهه ۽ اَڪيلائي ٻئي مَٽا سَٽا وَارا سَنڌا آهن. شاعر شهر ۾ به پنهنجي رومانيت پيدا ڪري سگهي ٿو.

نورالهديٰ شاهه جي ڪتاب 'قيدياڻيءَ جون اکيون ۽ چَنڊ' تي نصير مرزا ڪجهه دوستن سان گڏجي منهنجي صدارتي تقرير ٽيپ ڪرڻ آيو هو، ڇو ته مان صدارت لاءِ حيدرآباد جي سفر جو اجا اهل نه هوس. جڏهن هو آيو ته منهنجي فليٽ ٻاهران ڪاريڊار جي ڪليل دريءَ مان ڪلفٽن جي بتين جي جهرمر ٿي نظر آئي. هو ۽ هن جا ساٿي، منهنجي لئبرري ۾ آيا ته ڇت ۾ شاند ليئر لَڙڪي رهيو هو ۽ پاسي سان بلب ٻري رهيا ها ۽ چوڌاري ڪتاب رکيا ها جن ۾ گهٽو ڪري دنيا جا سڀ اهم

اديب موجود هُيا. اوچتو بتي وسامي وئي. مان اندران ئي مين- بتيون ڪٽي آيس ۽ هن ڪي تقرير ٽيپ ڪرايم. ان وقت مون کي بودليئر جي نظم جو هڪ بند ياد اچي رهيو هو:

"ڪليل دريءَ مان جي تون ٻاهر ڏسندين ته ايترو ڏسي نه سگهندين جيترو اندر ڏسي سگهندين. ڪجهه به ان کان وڌيڪ ڳوڙهو، وڌيڪ ڳجهو، وڌيڪ رَچناتمڪ، وڌيڪ روُيا وارو ۽ وڌيڪ تِرمرائيندڙ نه آهي جيتري هڪ دَرِي مين بتيءَ جي جوت ۾"

ان وقت ڪنهن دَرِيءَ تان پردو هٽائي، هوا لاءِ دري کولي ڇڏي هئي ۽ مون نصير مرزا کي پنهنجي ساري تقرير مين بتيءَ جي روشنيءَ ۾ ٽيپ ڪرائي هئي- ڪجهه وقت پوءِ بودليئر جو هڪ ٻيو نظم به ياد آيو هو:

'تون مون کي ضرور چوندين ته تنهنجي ڳالهه سچي آهي يا نه؟ مون کي دنيا جي حقيقت جي ڪهڙي پرواهه آهي! اُها رڳو مون کي ان ۾ مدد ڪري ٿي ته مان زندهه رهان، مون کي اهو احساس ڏئي ٿي ته منهنجو وجود آهي ۽ مان آهيان."

پر ڇا دنيا جي حقيقت هڪ سنڌيءَ کي ڪراچيءَ ۾ اهو احساس ڏئي ٿي؟ آخر ڪراچي پئرس ته نه آهي ۽ اسان اُن ۾ پئرس جهڙي رومانوي فضا پيدا ڪري ته نه ٿا سگهون! اندرون- سنڌ ته تباهه ٿي چُڪي آهي ۽ ماضيءَ جون ڪجهه يادگيريون ئي آهي. ان ڪري ڪراچيءَ جي شهري زندگيءَ ۾ اندرون سنڌ جي يادگيرين جون پرڇائيون ئي ته هن ڪتاب ۾ اچي سگهيون آهن.

اهو ڪتاب اڌ رات جو ننڊ مان اُٿي مون هڪ نيم شعوري

ڇا عمر کيا ڏوڪا،
ڪنهن وقت ڪجورين تي تا ياد اچن ڏوڪا.

*

ڪلهه ٻَڪَ اسان ٻيئي،
تا انب لڏن وَڻ ۾، تون ياد اچين پيئي.

*

ڪَٿ واڻَ ٻنا ڇاهي؟
هي تانگهه سنڌ دل ۾، ڪنهن تاڻَ ٻنا ڇاهي؟

*

ڪيڏيون نه ڪِر چوٽيون!
ميهار ڪتي آهي مينهون ته اچن موٽيون!

*

تي اٿ ڏِنا لوڏا،
اي ڪنوار ورايا تو، ڪٿِن چنڊ ڪِڙي گوڏا؟

*

جنهن وقت ڪَتِي ايندي،
تنهن وقت تتر ڪرڙي تو ٓلاءِ نهاريندي!

*

اِئن ڇَٹ هُئين ۽ چوري!
پر هون ۽ ڇُهڻ ۾ ڇَڻ تون پَٽ هُئين ۽ چورِي!

*

گوڏو نہ ڳڏي وهندين ۽؟
هي پِينگهہ جڏهن هلندي لوڏو نہ ڳڏي وِهندين ۽؟

*

اڄ رات اِئين ڪنهن سان،
تو چنڊ لِڪي وڻ ۾ ڪئي بات اِئين ڪنهن سان؟

*

اڄ رات، چُميون ڏيئي،
هي بلب ڪٿان آندءِ، ڪيڏو نہ ٻَرين پيئي!

*

اَڄ سرد هوا آهي،
تي باهہ ٻَري پرسان ۽ پيارَ جدا آهي!

*

ڪيڏو نہ ڪَجل نيڻَن!
تو ڏانهن پَريان تاڙي تي رات ڏٺو سيڻَن!

*

اڌ رات حويليءَ مان،
ڪيڏانهن وڃڻ پيئي تون سَرڪَ اَڪيليءَ تان؟

*

جنهن وقت ملين تي تُو،
تنهن وقت وڃوڙي جا تا ڏَنگَ هڻن ڏينھُوَ!

*

ڪلهہ سوٽَ هيئِہ سينو،
تو لاءِ پيو روئي اڄ رات تہ آئينو!

*

هي مينهن مَهل آهي،
ڏس آنءُ اڪيلو هان تو م تہ ڪَهل نَاهي!

*

ڪيڏانهن وڃين ٿي تون؟
اڳتي تہ ڪجهي ٿو رڻ جيڏانهن وڃين ٿي تون!

*

ڪيڏي نہ مِٺي ٻولِي!
تو پَٽَ ڏٺو هوندو، ان جيءَن نہ پاتولِي!

*

اَڄ ويهہ گهَڙِي، پرَسان،
مون سَنجَ وڏا گهوڙِي، تـو لاءِ پيو تَرسان!

*

تنهن وقت رِلي ويندينءَ
هي راهہ سِڏي جي تون ڪنهن وقت پُلي ويندينءَ.

*

تو ڳالهه ڪندي ٻهڪڻ؟
ڪنهن ساڻ لوڻ ۾ هئن ڇا لاءِ پيو سهڪڻ؟

*

تي ڪالهه نچي ڪوٺي،
ڇا لاءِ ڇڄي آهي تو هيءَ ڪچي ڪوٺي؟

*

دل ڪانءَ ٻري آهي
پر پيار ٿڪو آهي ۽ رات نري آهي!

*

تون آءُ ٻتا الڪي!
آڪاسَ وسايو آ، اڄ راتِ ستارن ڪي.

*

اڄ رات ڪٿي آهين؟
تي سال ويا ڪيئي ٻيهار ملي ناهين!

*

ٻيهار سِرَنهن گل ڪيا،
تون آنهه ڪِٿي خوشبو؟ تي سِانجهِه، پَکين هَل ڪيا.

*

دل آهه چکِيءَ ٽيڙِي،
تو آنءَ ڪٿان ٽُنهنجِي اڄ رات تہ ساهيڙِي.

*

ڪيڏانهن وٺي آهين؟
تو نانهہ آها خوشبو، ٻي ڏانهن وٺي آهين!

*

آڌ - رات، آڇي پيئي،
ميهار ملڻ ويلا، هو روڊَ ٽَپي پيئي.

*

ڇا نانءُ ڏيان توکي؟
جي گلَ چِني ايڏا تو آنءُ ڏيان توکي!

*

اي ڪاش سدائين تون،
مون لاءِ هجين نوري ۽ وَنجهه هلائين تون!

*

ڪيڏو نه ڪُڙهي پيئي!
تون ڪونه جڏهن آئينءَ دل رات لڙهي پيئي.

*

ڪُوڙي نه ڪڏهن ٿيندينءَ،
اڄ چَنڊ اَٿي چوڏينهن، پَر پو به لِڪي ايندينءَ!

*

جَنهن ڏانهن ڏسان ٿو اِئن،
اي روز- ازل! تنهنجي ڇا ٻاڪَ هئي اَن جِئَن؟

*

ڪيڏو نه رُني آهينَ
ڪلهه رات ته ڏيڏوٽي، اڄ رات مَني آهين!

*

تو ڏانهن نهاريان ٿو،
تون آنهه اُها جنهن تي مان ساهه به واريان ٿو!

*

سپنا نه آڇو اُيرِي!
اڄ ڪالهه ته هوءَ ناهي اڄ ڪالهه ته آهي ٻي!

*

ڪيڏانهن پئي ڪاهين
جنُ باکَ ڦٽي ٿاتِگر تونُ ايئَن تِڙي آهين!

*

هي ڏس ته گلابِي گل
آ ماڪ پئي اَن ۾ ڪيڏو نه شرابِي گل!

*

تون ناته رَهي ساڳِي
جنُ واڳ ڇڄِي پيئي جنهن سانُ هُئِينءَ واڳِي.

*

پائي ٻہ نہ پاتو مون
هِي چنڊُ نديءَ ڪيسين؟ ڇو ايءَ نہ ڄاتو مون.

*

ٻي لاءِ مَرڻ پيئي!
هي ڳالھ ڳڙي وانگر ڇا لاءِ ڪَرڻ پيئي؟

*

وَل پَٽِ نہ ڳِدرَن جي!
ڪلھ رات جَهلي هَٿ کي تو ڳالھ ڪَٽِي تَن جي.

*

آ اَڄُ ڪيو آتو!
ڇُلڪي نہ پوي هاڻي ائن جام ڀريو آ تو!

*

آ نِنڊَ ٻہ مڌُ ماتِي.
ڇڻ تيزَ پٽي ڪاٺِي تو لاءِ وِڃهي جهاتِي!

*

ها باک بهارنَ جي،
تَنُ آهہ پرين تنهنجو چڻ شاخَ انارن جي.

*

انجيرَ پَٽيان ٽو پيو
محسوس ٿيو کَنهنجي تقدير پَٽيان ٽو پيو.

*

اي ڏاٽيُون موٽو!
اڄ هانوَ کيو مُنهنجو، مون ڏانهن ڪَرِي چوٽو!

*

◆ اڄ رات وَرِي سَئفو!
مون ڏانهن وڏي آئي، هوءَ پيار ڀَرِي سئفو!

*

مون لاءِ نَيون نِياريون،
هان آنءُ تماشائي يَل پيارُ ڪَريو پِياريون!

*

◆ سيئفو: يوناني شاعره، مان پنهنجي هڪ محبوبہ کي سئفو ڪوٺيندو هوس.

ڪنهن ڪي تہ پيو ڦولين!
ڦاٽي نہ پوي ڌرتي، سَسئي تہ نہ تو ڳولين؟

*

ڇا نازَ ڪرين تي پئي
جڻ ڊيل ڏکي آهڙو انداز ڪرين تِي پئي!

*

آ چَنڊَ ڇُپيو جھڙ ۾؟
درياهَ تہ سچو ڳوليو ڪيڏانهن وَئي لڙ ۾!

*

ٻيو پارَ مَري ويندو
سهڻي تہ بَچِي وينديِ ميهارَ مَرِي ويندو!

*

پَر رات پڪي ٽُنهنجا؟
مون لاءِ ڪَلي ٻوٽيا، ڇا لاءِ سڪِي ٽُنهنجا.

*

هي هَٽُ سريرن تي!
هيڙها تہ نہ ها جي ڪَن ڪُجھہ ٽُڪُ انجيرن تي!

*

جڏهن چَنڊ چڙهيو چِڪيا،
◆ ائين ورِدَ اوسِتا ۾ تو رات ڏِني ٻِڪيا!

*

ٻيري تہ نہ آهي هِي!
تي تيزُ وچِي نَدِي ڏيرِي تہ نہ آهي هِي!

*

تو ليڪ پڙهيو آهي؟
ڏِس، وِير پٽي اُيري، ڏس سَمندُ چڙهيو آهي!

*

ڇا راهہ ٻَلي آهين
هن وقت گهِٽيءَ مُنهنجي ڪِٿَن هِيرَ گهَلي آهين؟

*

◆ ورِدَ اوسِتا : وِڇين وَهي.

هو چنڊ گلابي آ،
ٿي هيرَ ڳهَلي آهڙي ڄڻ راتِ شرابي آ!

*

تو ياد پَئي آئين ٿِي،
هي عمر نديءَ وانگر تون مينهَن جيان ڇانئين ٿِي!

*

جي مورُ نہ، ڇا وانگر؟
ٿو آنءُ نچان تو لِءِ، گهنگهور گهٽا وانگر.

*

اَڌ رات فساني جان
ڪنهن وقت هلِي ايندين ٿِي مون ڌانهن ڀهاني سان!

*

هي پيارَ نئون توسان،
هي چَنڊُ نئون توسان، سَنسار نئون توسان!

*

کنهن لاءِ پَرِي نِڪتينءَ؟
هي پاند مريڙي سان ڪيڏانهن پَري نِڪتينءَ.

*

آ ٻُوٽ سڄو دانهين،
تو گوار پَٽي گورِي ڪيڏانهن هَلِي آهين؟

*

تون آ تہ ڪِڙي مُڪڙي!
تون باک جيان آهين اڄ اڄ تہ ٽِڙي مُڪڙي!

*

مان ڪيئن مِليو آهيان!
تو لاءِ صديون ترسِي اَڄ هيئَن مِليو آهيان!

*

◆سِرڳَنڊ خسيِس آهي!
تون نانهہ تہ اڄ ڪيڏو هُو چَنڊُ خسِيس آهي!

*

---

◆ سرڳنڊ: چَندن- صندل.

هو نيڻ ۾ ڇڙنرا ها،
گهگهو ته گلن وارو هيئانهن ۾ پڙنرا ها!

*

ڇو چاهه هليو ويو آ!
ڇا لاءِ حياتيءَ مان ويساهه هليو ويو آ؟

*

تون ڇو نه اچين ٿي پئي؟
اڄ رات اماس آهي تون ڪونه اچين ٿي پئي؟

*

❖ هر وقت ڏمرڙو ٿي!
مون ڏانهن وري ايندينءَ ڪنهن وقت ڇمرڙو ٿي؟

*

اِئن سرد لڳين ٿو پيو!
اي چنڊ جيان چهرا، ڇو زرد لڳين ٿو پيو؟

*

❖ ٿي: اتر ۾ اٿي ڪي "ٿي" ۾ چئبو آهي.

تو روز وچين ڪِسڪي
ڪنهن وقت تہ ڪَر ڳالهيون ڪنهن وقت تہ ٻِي وسڪي!

*

تون آنهہ پَرِي اَپ ۾،
◆ هي راتِ رڳاوَت ڏِسُ، تو چَندُ ٻَرِي اَپ ۾!

*

ٻَلهار تيان توتان!
مون ڏانهن اِئين آئينءَ، تون چڻ تہ ڏياري آن!

*

تون پو بہ جُدا آهين!
ٻي لاءِ تہ ماڻهو آن، مون لاءِ خُدا آهين!

*

ڪيڏو نہ مِٺو آهين!
چڻ عيد سپاٽي آ، چڻ چَندُ ڏِٺو آهين!

*

---

◆ رڳاوت: رنگيني.

ڇوري ٻہ تہ هئي ڇورِي!
کھڙو ٻہ پتنگ آيو، ڏورِي ٻہ تہ هئي ڏورِي!

*

ڪٿ ڪالھ ڀڳٺ چوڙي،
ڇوُ! سچ نہ ٻُڌائيندينءَ، هو ڪيرُ هيو ڪوڙي؟

*

گھگھرِو تہ ڀڃايو تي،
هو ڪوهہ مَتان ڇورو، جنھن ڪوسُ ڇِڪايو تي!

*

تو پوڪَ جڏهن پينئنءَ،
ڪو پَھر ويو گذري، جڻ وَنٺ اڳيان وينئنءَ!

*

تو انت ڇوَين ڇا ڪي!
هي پيارُ ڪتان آيو تون سوچ تہ مَمتا تي!

*

هو سونهَن اَجهاڳُ آهي،
جيڏانهن وڃان ٿو مان، ايڏانهن تہ ماڳُ آهي!

*

ڇا حُسن پرست آهيان؟
تو ۾ تہ اَلوثُ آهيان، ڪو مستِ اَلست آهيان!

*

هي راتِ آزلُ آهي،
تون ياد اَچين پيئي، هر باتِ آزلُ آهي.

*

بَس لڙڪ رڳا ٽيندو،
ٽي دپر وَئِي آهي موٽينءَ بہ تہ ڇا ٽيندو؟

*

اِڄ ڪارِ پنهونءَ ڪي آ
سِسئي نہ خبر ڪائِي ڀِي يارِ پنهونءَ ڪي آ!

*

موملَ تہ چڏيو راڻو،
سومَل، نہ سُتي راتيون مَنُ اَجّ بہ ويڳاڻو!

*

تون خُوابُ تہ ڪونہ آهين؟
جو آب اَندر لرزي، مهتابُ تہ ڪونہ آهين؟

*

اڄ پياسَ لڳِي ڏاڍي،
اِي پيار ڪِتِي آهين، آ تاسَ لڳِي ڏاڍي!

*

وَئِي عمر ڪُراڙِي تي،
تي دل تہ چيو ڏاڍو پيهارَ ڪهاڙِي تي!

*

ڪيڏي نہ حَسِينَ آهين؟
پي لاءِ هجين ڇاڀِي، مون لاءِ تہ دينَ آهين!

*

اڄ ننڊَ ڦِٽي آهي،
تون ياد اچين ٿِي پَئِي، ڇا ياد ڇِٽي آهي!

*

◆ اي ڇيلَ ڇٻيلي ٿُون،
ڪيڏانهن هلي آهين، اڌَ راتِ اڪيلي ٿُون؟

*

ڇوري تہ رڱي ناهي!
❖ ٻَڪرارِ ڪنوڻ آهي، گهَرِ پو بہ پَڳي ناهي!

*

جي ڳالهہ ڪِٽي ڪَٽَ ۾،
ٿو ڪيرُ ڏسي ڪنهن جي ڪلهہ رات ڄُنڊا پَٽَ ۾!

*

تو ڪان بہ مِٺي آهي؟
توکي تہ ڏٺو ناهي، ماکِي تہ ڏِٺي آهي!

*

◆ ڇيل ڇٻيلي : نازنين.
❖ اتر مان ڪنوڻ ڪجندي آهي تہ ان کي ٻڪرار ڪنوڻ چئبو آهي.

تون سڏ هنئينءَ سَرتِي!
ڇا وَجهه وچايو مون توکان نہ ڇُمِي وَرتِي؟

*

اَڄُ، شيامَ ڳئيون گوپيون!
ڇڙ آن؛ ڪَنيون آهن، توکان بہ گهٽيون گوپيون!

*

ڇا لاءِ جُدا آهين،
اي عشق ٻِلِي آئِين تون ئي تہ خُدا آهين.

*

هو چَپَ گلابي ها،
جن ماڪَ جيان پِيتو، ڪيڏا نہ شرابي ها!

*

تون آءُ، سَهيلِي آن!
ٿِي ناوَ اڃي تون ڏِي ڇو اِيئَن اَڪيلي آن!

*

تو لاءِ تہ سانورڙي،
مون چَنڊُ جَهليو آهي، ڪُجهہ بيهہ تہ بانورڙي!

*

چڻ جيءُ جَهنين تِي تون!
جڻ تار نِوائِين تِي، رابيلَ پنين تي تون.

*

ڇا پيارَ سچا آهن؟
مون کي بہ تہ تو وانگر ڪجهہ يار ڀچا آهن!

*

تو ساڻُ سَجائِي ويِي،
تو ڪير ڇوِي مُنهنجي اِئن عمر آجائِي ويِي!

*

گل مَهر ڪِڙيا آهن
جِنَ ماڪَ پئِي آهي تو جيئَن ٽڙيا آهن!

*

هڪ راتِ اُڏارِي ڏي!
اي عُمر! پرينءَ سان ٻِي برسات اُڏارِي ڏي!

*

تو وَٽِ ٻہ گهَڙِ گوپيون،
اي شيام سنڌوَ پرسان مُنهنجون ٻہ ٽہ ڳَڙِ گوپيون!

*

اوهِي نہ پَهي آهي،
جا عمر رهِي آهي تو لاءِ رهي آهي.

*

اڄ رات اَچِي آهي،
ڦاساءِ انهيءَ کي تون ماڳر ٻہ مَچِي آهي!

*

تون پاڻ هَلي آئِين،
اي عشق فرشتي جئَن هيڏانهَن ٻَلِي آئِين!

*

جنهن وقت مجاز آهين،
اي عشق عبادت آن تون عين نماز آهين!

*

تون رات لِڪي ايندينءَ،
جنهن وقت ٻه چانڊوڪي ٿورِي ٻه ڦِڪي، ايندينءَ!

*

ڇا رَبُ رکيون مَنهنجون؟
تو ڏانهن ڏسڻ ڪارڻ هر وقت اکيُون منهنجون!

*

اي پوپٽڙا ڪيڏانهن؟
هي گل تہ ڇِٽي ويو آ، ٻيا واسَ وَيا ڪيڏانهن؟

*

هي ڇَپُ ڇَپن وانگر،
مون سان تہ مليا آهن درياهَ- ڪَپن وانگر!

*

ڇا ڇڳ- سڳنڌ آهي!
ڪيڏا نہ بسنت اُن ۾ ڇا سڳ- سڳنڌ آهي.

*

برسات ڏِسي پيئي،
ڇا ھيءَ اُھا اَم جا ڪلهہ رات ڏِسي پيئي؟

*

ڪنهن جاءِ تہ هوندينءَ تون؟
مون ڪي تہ وساريو تي ٻي لاءِ تہ هوندينءَ تون!

*

ڪيڏو نہ وٺين ٿي تون،
برسات جيان ڇَن مان، هر روز ڇٽين ٿي تون!

*

سَڀ ڇاهہ پَيا چاهيون،
درياهہ جيان دل آ، مون لاءِ سَوين سانِهيون!

*

وسرن نہ گھٽيُون ۽ گهرَ،
◆ تون آنهہ آکين اڳيان، هن وقت بہ هاٿيدرَ!

*

ڏوريون بہ تہ ڏِسُ پَتَ جون!
هي پيار بہ پيار آهي، ايڏي تہ نہ ڏِي سَتَ تون!

*

هِي هونءَ تہ پلَ جيڏِي!
تون نانهہ تہ جَڻُ آهي اڄ راتِ اَزلَ جيڏِي!

*

اِئن ساڙَ سَڙِي ويندين!
ڪا لهس نہ تو ايندِي جنهن وقت لَڙِي ويندين.

*

هئُو ڪمُ تہ چوراٿو،
راٿو بہ هيو راٿو، مومل نہ ڪَيو ماٿو!

*

◆ شڪارپور جو هڪ محلو (هاٿيدر)

تو ڇا نہ ڇگو ڳايو!
◆ اِئين ڳاءِ نہ لوڙائو، آ چنڊ لَهِي آيو.

*

تو ڏانهن ڪڏهن گهوري،
ڪيڏو نہ ڏِنو ماضِي، مون آهہ اکيون پوري!

*

ڪِٿ رات سڪِي هوندينءَ،
ڪو ڪٿُ نہ تون ڪَنهن وَٽ اِي پيار پڪي هوندينءَ!

*

تقدير تہ ڪانہ آهين؟
جي آنءُ نہ هان رانجهو، تون هِيرَ تہ ڪانہ آهين!

*

مون پڳو، پڳو ڪوڙو،
چانڊنيءَ ۾ پيارو ڪيترو لڳو جوڙو!

*

◆ لوڙائو: هڪ سنڌي لوڪ گيت جو قسم.

ڪر ياد نہ پيارن ڪي!
ڪجھہ جھونجھڪڙو آهي، آ نِندِ ستارن ڪي.

*

هُبڪارَ هَوائن ۾!
ڪنهن وقت اچي ملندين آ سارَ هوائن ڪي.

*

تَسڪين اچي پيئي،
هر چيز هٽائي ڇڏ هو ’ڪِينَ‘ آچِي پيئي!

*

ڪو انت نہ پارَ آهي!
تو چند وچي اَپ ۾ هيٺانهن پِيار آهي.

*

ٻاهر تہ ٻتيون ڪيئي،
پر جوتِ نندي گهر ۾، جا شمع ڏئي ويئي!

*

ڪجھ ڏينهن بهارَن تي،
ايڏو ته نہ ٻَل ٻُورِي، تون لالَ لَيارَن تي!

*

اِظهار نہ آ ڪوئي،
ائن سمجھ نہ پر توسان مون پيار نہ آڪوئي.

*

تي پيرَ سَرءُ ساهي،
گُل ناز ڪيو ڪيڏو؟ اڄ مُندَ هَٽان ڇاهي!

*

پو ڇو نہ وٺيون آهن؟
جِن وارَ هُيا گهاٽا تو جيئَن گهٽيون آهن!

*

ڪيڏانهن وَري نيندينءُ؟
تو چنڊُ ڇَوي مون ڪي، ڪَر نِنڊَ نہ، تون ايندينءُ!

*

هي هُبَّ، هَوا جهوٽو!
جو چئَن ڪَسي وَيو ائن، ڪا سارَ ڏئي ٻوٽو؟

*

تو لاءِ تہ سانورڙِي!
پر سال! ڪَنان آهي دل ڪيئَن نہ ٻانورڙي!

*

هِي روحَ رَتو چوندي،
انبوهہ منجهان مون ڪي تو ڪيئَن وَتو چوندي؟

*

ڪَهڙيون نہ اکيون آهن!
جن لاءِ صديون ترسيم سي ڄڻ تہ سڪيون آهن!

*

هي ڇَپَّ پرِين ٽُنهنجا
درياهہ جَيان مَن ۾ ٻئي ڪَپَّ پرِين ٽُنهنجا.

*

اِئن چاھہ ھُيو دِل ۾
ڄڻ سڄ لتي ڪوئي درياھہ ھيو دِل ۾.

*

تون ھاڻ نہ تِي وِسرين!
آن چنڊ ڄيان ڪائِي چانڊاڻِ نہ تِي وِسرين!

*

ڪيڏانھن ڏِکين ٿِي تون؟
جئن ماڻھ ڇکي ڪِنگريون اِئن روح ڇِکين ٿي تون!

*

ھي لانِ مٿان سانڙھِي!
ڪيڏي تہ ڇبر سائي ڪيڏِي نہ شفق ڳاڙھِي!

*

تون اڳ بہ ھُئين، منھنجي،
ياڪرُ نہ پُلو آھي، خوشبوءِ اھا تُنھنجِي!

*

كاڏانهن وَئي آهين؟
تون آنهہ شفق وانگر تيڏانهن وئي آهين؟

*

ڪو ڏينهن تَتو ڪونهي!
گهَر چوڻ سنڌ ۾ گوليان پَر ڪوبہ پَتو ڪونهي!

*

ڪيڏي نہ سگهند آهي!
ڏس مُند اچي وَئي ڇا؟ موتيو تہ ڪِڙيو ناهي؟

*

سَنجوڳَ بُرو آهي!
◆ ڪنهن راتِ چيو مونکي، هر يوڳُ برو آهي؟

*

اي پيار بسنت آهڙو!
هِن ريت تيو ناهي ڪَنهن وقتِ بہ ڦوٽهڙو!

*

---

◆ نوٽ: 'يوڳ' هنديءَ ۾ وصال کي چئبو آهي. اِهو لفظ سنڌي هندو، سنڌيءَ ۾ عام طرح ڪم آڻيندا آهن.

سوغاتَ ڏيان توکي!
مون تہ وَٽ رڳي دِل آ شيءِ ڳا تہ ڏيان توکي!

*

تو وارَ نہ هَل چوڙي!
ڏِس، خلق سَڄِي نظرون تو ڏانهن پَئي مَوڙي!

*

تو لاءِ جَتائون آ،
اڄ شامَ ڪَراچيءِ جي گهنگهور گهَٽائون آ.

*

مان ساز منجهان چاٽان،
تون ڪيرَ؟ ڪٿي آهين؟ آواز منجهان چاٽان.

*

ٻانهون تہ هُيون دانهون!
پر آنءَ پَرارِ آهيان درياهہَ رڳو آهون!

*

ٿي رَتَ ڏئي ڏوڪا،
۽ مينهن پوي سَڀ تي، جئن ڏُکَ ٿيئن ڏوڪا!

*

ڇمڪاءِ نہ اِئن ڇيرُون!
ڪيڏانهن هَلِي آهين اڄ ڏينهن ڏِٺي جو تون؟

*

آ ڏينهن تہ ڏورين ٿو،
ڪنهن وقت تہ ڇَل چوري، اَڄ رات ڪجورين ٿو.

*

ڇِت ڪانوَ اکيون نِڪرن!
ٿي رَتَ ڪري ريلا جنهن وقت ٻڪيوَن نڪرن!

*

اڄ رات سِڪي توڪي،
هُو ٻانهَن وَرِي آهي ٻيهارِ ٻِڪِي توڪي.

*

تو لاءِ تہ پکي آهي،
مون لاءِ تہ سيڪجهہ هُو هر وقتِ سکي آهي.

*

چُپ چاپ، لِکي چورَي!
چوڏارِ ڏسي ٻاهر پو آءِ ڇِتي ڇورِي!

*

هُو ڪجهہ تہ اچي تو پيو!
◆ آ ڇبَ اِئين پياري ڇڻ مورَ نچي تو پيو!

*

آئينءَ تہ اُتر وانگر،
هر چيز پکيڙي وئِينءَ، گهَرَ آهہ نہ گهَرَ وانگر!

*

تون ڪيئن مِلي آهين؟
اڄ رات سُڄاتو مون، ڪلهہ جيئَن مِلي آهين!

*

◆ ڇبَ: صورت، اُردوءَ ۾ هنديءَ ۾ ڇب ڇٽبو آهي.

◆ سنجوڳ وٺيو توکي؟
مون لاءِ هيو پياري جَڻُ ماءُ ڄڻيو توکي!

*

هي شِڪل ڏِني آهي،
پيهار مِلِي آهي، ڪيڏي نہ مِٺي آهي!

*

ڪنهن صبح سَلوڻي ۾،
توساڻُ مليو آهيان، ڪنهن ڏُندَ اڳوڻي ۾!

*

جنهن وقت ملِڻ گهر تي.
تو ياد ڏياريو ٿي ڪو ڏُنڌُ سَمندر تي!

*

اڄ نيٺِ ڏِني آهين!
رَسَدار چَپن وارِي، ڪيڏي نہ مِٺي آهين!

*

---

◆ سنجوڳ: وصال.

کيڏي نہ مِٺي آهين!
تون بند لفافي ۾ هن جي تہ چِٺي آهين!

*

مون لاءِ تہ جڻ ناهِين!
هِڪ ڏينهَن کٽي آهين، ٻي ڏينهَن کٽي آهين!

*

تو راتِ کِٿي پيئِي؟
هي کار هُئي تُنهنجي کيڏانهن لنگهي ويئي؟

*

ڇا جيءَ جهميلو آ!
هي شهر وَڏو آهي، ماڻهو تہ اڪيلو آ!

*

گل ماڪَ تہ گهُرندو آ،
جيڏانهن آڏي اهڙا افلاڪَ تہ گهرندو آ!

*

سَمجُهڻ نہ، يَلي آهين!
ڪيڏو نہ چڱو ٿيو جو، اڄ رات ڪَلي آهين!

*

هي رات اَزل جي آ،
تون نانهہ وَڏِي آهي، جي آنهہ تہ پَل جي آ!

*

تون مدام اَهڙي آن؟
جڻ شَفق ڪِڙي آهي جڻ پُسيءَ جهڙي آن!

*

ڏينهن هُو جوانيءَ جا،
ڪيترا پڪل ميوا، ڪالهہ عمر فانيءَ جا.

*

ڪير آنهہ ڪهڙي آن؟
تو جيان نہ ٻي بُربل، تون پسيءَ جهڙي آن!

*

ننڊ ڪونہ ٿيون چاهن،
راتڙي پئي آهي ڳالهڙيون ڪٿيون ناهن!

*

عشق سان سَجائي آ،
حسن ڪانسوا منهنجي زندگي اَجائي آ.

*

هيءَ جا جواني آ،
تيزُ ڪيتري آهي جڻ ندي رواني آ!

*

ٻيا تاڙِ وَڄي تڙ تونَ
ڇا لاءِ ٿيي پيو آن هِت چَنڊَ ٿياڪَڙ تون؟

*

عجب آهہ هيءَ ناتو،
توکي ڏسي پرين مون پهرينءَ گهڙِيءَ سڃاتو!

*

ڪنهن ڇَوُ ڏٺي ڏٺا ها!
هي نيڻ سمنڊ وانگر مون ڪٿ اڳي ڏٺا ها؟

*

تو سان پيارُ منهنجو،
آيو جڏهن آهه پياري موٽي بهارُ منهنجو!

*

ڌرتي! تہ ڪجهہ بہ ناهي،
توڪان ڇُمي وتي جا سَرتي اُها ڪجهہ آهي.

*

پيو چنڊ ڪِلي پوڙهو،
تو جيئَن ٽَپي پِرَ ڏٺي اڌ راتِ وَئين لوڙهو!

*

اي پيار ڪٿي آهين؟
هن راتِ اَڪيليءَ جا سنسارَ ڪٿي آهين؟

*

◆ ڪلهه تون شيريٽَن ۾،
دعوت ۾ موجود هُئينءَ ڪيڏانهن وئينءَ ڪن ۾؟

*

هي ٿي- ويءَ تي تون؟
آنءَ تہ سَمجهو آهين، دل ۾ مُنهنجي تون!

*

چاڪي واڙي ۾،
ڪير رهي ٿو پرسان منهنجي پاڙي ۾؟

*

راتِ منهوڙي ۾،
ڪيڏو سمنڊ ڇلي پيو آهي، اڄ تہ ويجهوڙي ۾؟

*

نديءَ نالي ڪير؟
مينهن پوي ٿو، اُيري آيو هيِئَن پيالي ڪير؟

*

---

◆ شيريٽن: ڪراچيءَ جي فائيو اسٽار هوٽل جو نالو.

برساتِ پهاڙين تان،
ائن شعر پئي آئين، ڪلهہ راتِ پهاڙين تان!

*

تمنّار تِيو آهي،
تو چنڊ مصوّر جئن ڪجهہ نقش منجهس ناهي!

*

جا ڪالهہ ڪتابن سان،
اُن ڪان تہ چڱي گذرِي هي رات رَبابن سان.

*

اونار ہُڏو، بيِهو!
تو لاتِ لَنوِي وَڻَ تي، هر وقت نہ ہاہِيهو!

*

جنهن وقت ويون ڪَونجون،
اي روهہ سنڌء راتيون ڪيڏو نہ پَئي گونجون!

*

تون آنهه نہ گهرڙي ۾،
جڻ پَنَ اَڏامي ويو ڪلهہ رات اَترڙي ۾!

*

ڪجهہ جيءَ بہ هاڻي تون!
هان، مَنَ متو آهي ڪجهہ پيءُ بہ هاڻي تون!

*

آ پَنڌَ پَري ڏاڍو،
چوٽيءَ تہ پُڳو آهي، آ هَٿَ ڇَري ڏاڍو!

*

ڪو دؤر مري ويو آ،
ٿي هِندَ ٻُڌي خبرون ٿئگور مري ويو آ!

*

هو صبح ٿيو آهي،
آ هيٺ ٻِئِي مِينا هِن وقت سُتو آهي!

*

ڀَنجي ٻہ آتيا ناهن
مان شعرلڪان ويئو سڀ نِنڊَ پيا آهن!

*

مون مَڏُ چُڪِي پيتي،
تو وڪٽرِ هارا ڪي ڳائي ٻہ نہ دل جيتِي! ◆

*

ساڃاهہ صدين جي هان،
تون ڏاهہ صدين جي آن مان ڏاهہ صدين جي هان.

*

ڇا لاءِ سُتو ناهين؟
آ ميڙُ پياڪَن جو، دَرَ ٻوٽُ گتو ناهين!

*

هِي زهر پيالو پِي!
ڪا ڏِڪَ نہ ڏي ڏڪَ جي، تون جيءَ آيا ڪُجهہ جِي!

*

---

◆ وڪٽر هار: چليءَ جو راڳي شاعر.

ڇا ڇتَ ٻٽي آهين،
پنجاهہ ورهيہ ٿي ويا، پوءِ سِٽَ ٻٽي آهين.

*

اي نارِ ٻَلِي آئينءَ!
تون رنگَ منجهان نکرِي ڪلهہ ڪيئَن هلي آئينءَ؟

*

جيڪي بہ ٿِئي، ٿي سو،
مون ذاتِ ڪنئي آهي، تو آهہ ڪنيو پيسو!

*

هي ڪوٽَ ڪٽين وچ تون
مان شعر ڪٽان پنهنجا، سڀ نوٽَ ڪٽي وچ تون.

*

يَرَ! ايئَن ڀِنيوريءَ جا
ڇا لاءِ ڇنين ٿو تون پَرَ ايِئَن ڀنيوري جا!

*

مَن مان - سرور آ،
ڪيڏيون نہ نديون آهن، جن لاءِ اُها گهرَ آ؟

*

تنهن وقت خُدا آهيان،
جنهن وقت مصوّر جئن سنسارَ پيو ٺاهيان!

*

وِڍانت تہ ڪُجھ ناهي!
هَر چِيز ڀَري پيئي هِت شانتِ تہ ڪجھ ناهي!

*

جئن چارَ پکي ڦاسن،
◆ آڄ ماِئڪوفسڪيءَ جا ٿا نظم ڦِڪا ڀاسن.

*

رُت آهہ رَبابن سان،
ٿي رات چڳِي گذري صدبار ثوابن ڪان!

*

---

◆ مائڪوفسڪي: روس جو انقلابي شاعر.

نارو تہ ونئي ويندين،
واڳون بہ آتيئِي پر، چارو تہ ونئي ويندين.

*

انجامُ پيو آهي،
هو رِند ڪِٿي آهن؟ هڪ جامُ پيو آهي!

*

آ گوڙُ گهٽائن جو،
ڪٿن مور رُڪيئہِ پِجري ۾ ديپُ هوائن جو!

*

اَٽ باڪ ڦِٽي آهي!
تو لاءِ ڇِٽي کهڙي؟ جڳَ لاءِ ڇِٽي آهي!

*

مون ڪالهہ ٻُڌو ڏاهو،
هي موت تہ نانگ آهي پر ڏاتِ بہ آ ڇاهو!

*

ڪيڏيون نہ ڀَليون آهن!
ڇا ڇا نہ ڪِرُيون تنِ ۾ هي ننڊ وَليون آهن!

*

تون ڪيرَ ؟ ٻڌائي آن!
تون اڄ بہ تنبورو آن، تون اڄ بہ تہ وائي آن!

*

تا پير ڪڇن دل تي،
تو ناچ ڪيو، گهنگهرو تا ڇڻ تہ وَڇن دل تي!

*

"ڇو ڏات اُبهري آ؟"
"تو ڪانو لنوي نِم تي ٽِي ڇانءُ ٽِپهري آ!"

*

من مان - سَروور آ،
ڀَربو تہ ننديون ٽيندو، ڇِن ڪي نہ ڪِٽي تَر آ.

*

پينارُ وڏو آهين،
تو جهول جَهلي پنهنجِي، سَنسارُ سڄو چاهين!

*

آوازُ تہ سڀ ڪجهہ آ،
جو سازَ ڇپايو آ، سو رازُ تہ سڀ ڪجهہ آ.

*

چَڙ ڏَنُ تہ ٻَري تو پيو!
توکي تہ لڳو سائو، هِي وَڻُ تہ ٻَري تو پيو!

*

ڪا آڳَ ٻري تِي پَئِي،
هَر هَندِ اُلا ان جا، هر ماڳَ ٻري تِي پَئِي!

*

هر روز وڃائين تو،
تو ڪَنڌُ ڪَپي پنهنجو مُرلي نہ ٻڌائين تو!

*

ٿو راڳُ ٻَري ٻاري.
ڇَپڙيون تہ هندو ناهن، ڪو ڏَرمُ نہ يَڪتاري!

*

ڇڻ ياڻء تہ ڪوري تي!
جو گيت پَنِي ڳاتو مون ڪالهہ تنبوري تي.

*

ڪهڙو نہ تنبورو آ؟
تِي باهہ ٻري جنهن مان هٿ لاءِ تہ ڪورو آ!

*

ٿي رات وِڳي نُمري؟
ڪو دور درخت آ ڇا، جيڏانهن يَڳِي قمرِي؟

*

هي گيتُ اُمنگُ آهي،
ڇڻ رات پِني آهي ۽ دورِ ڪَهنگ آهي!

*

يَرِ پاند نہ ٻارَن جا!
اِئن وَڻ تہ ڇَڄِي ويندا ھِي لال ليارَن جا!

*

تو گيتُ وَڄِي ڪَھڙو؟
جو آھہ صدي گاڏِي ۽ وقت جِئِھڻ وَھڙو؟

*

تو ٻر تہ پَيو جيئان!
جو جام نہ ٿي خالِي، تنهن مان تہ پيو پيئان!

*

ڪامِي نہ وسامِي ٿي،
ڪائي تہ ڄِڃِي آھي جيڪا نہ اُجھامِي ٿي!

*

ھي ھَٿَ ڪلاڪن جا!
ڪولِي تہ ڏسو يارو آڄُ مَٽَ ڪلاڪن جا!

*

هو چَنڊ کَتيءَ جو آ،
درياهہ پيو جَهلڪي چمڪاٽ بتيءَ جو آ!

*

تيسِين تہ صَديون ڪَرندو،
پيهار اَچِي جيسِين ڪا سَئُنَ هَٽي سَرندو!

*

مون وٽ تہ فقيري آ،
هو ڏانهن لِڙي وڃ تون، هوڏانهن اَميري آ!

*

ڇا پاڻُ ٻُجهايان مان؟
تو چَنڊ ٻَري ٻاهر ڇا لاٽَ وِسايان مان؟

*

هي ننڍ وليون آهن،
ڪيڏو نہ پِنيون آهن، ڪيڏو نہ جَليون آهن!

*

تون جنهن ٻه گهڙيءَ وِيندين،
اي شامِ وَرِي منهنجي ٽي ڪَڪَرِ مٿيءَ اِيندين.

*

ان لاءِ تہ مان آهيان،
چاهين تہ اچا تُنهنجو مان ڳاهہ پيو ڳاهيان!

*

ڇا لاءِ وِڌءِ تمجَهڻُ
سنسار سچو ئي ٽي، هان آءُ ڪَوِي توَن ڪَنُ!

*

ها، موڪَ ٿيو آهي!
ڇو ايئن ڏِسِي تُنهنجو، منهن سوڪَ ٿيو آهي؟

*

ايڏو تہ عَلَم ٿاهيو،
آڪاس رَسِي جيڪو اهڙو تہ قلم ٿاهيو!

*

تون اَڄ تہ سانورڙي!
هي آهہ نئون مندر ڪُجهہ نَچَ تہ سانورِڙي!

*

ڏِسُ، ميلُ ڏِياتيءَ ۾!
سُرهو تہ وڏو ڪيڏو تو تيلُ ڏياتيءَ ۾!

*

◆ مان ڪيرُ اڙي بُلا!
تو لاءِ جُتِي آندم، ڪجهہ لَڙڪ جَڙِي بُلا!

*

❖ اڄ رات تہ رِلڪي ڪي
تو آنءُ پڙهان ليٽِي جَڙَ سَمندَ ڏَندَلِڪي ڪي.

*

ايندا تہ جِئِڻ سانا.
● انسان ڪروڙين پر ايندو تہ نہ سنتيانا!

*

---

◆ بُلا: پنجابي شاعر بلي شاهہ.
❖ رلڪي: جرمنيءَ جو مشهور شاعر.
● سنتيانا: جارج سنتيانا امريڪي فيلسوف.

ٽَڪراو پيالن جا،
فانوس ٻَرن ٿا پيا اڌ رات جِيالن جا!

*

❖ ڇا ويڄَ! ڪِري آهي؟
آ ٽوُنس لڳي تَن کي، جڻ مُندَ ڦِري آهي!

*

ٻَهروپَ هَيا ٻوليءَ،
تو چنڊ ڏٺو آهي، ڪنهن وقت اسان ٽوليءَ؟

*

دَفَ جِيئَن وڄايان ٿو،
هُو چَنڊُ، جڏهن توکي اڌَ راتِ نچايان ٿو!

*

هي ڏيڊ سٽا آهن،
جئن چنڊ ڪَهتائن ٻر هي ايئَن چٽا آهن.

*

❖ ڪِري: پرهيز.

هِي ڪيڙ جَتائن ۾؟
ڪنهن وَيڙ نہ واهيرو جِن لاءِ گهتائن ۾!

*

پيلو تہ اڪيلو آ!
جَنءُ رات پئي چلڪي، ڪوئي تہ ٻتيلو آ؟

*

◆ ڪنهن راز جيان سُونڊا
آڌ رات ٽِڙي پيئي آ ساز جِيان سُونڊا!

*

❖ پَڙلاءُ هِلايا ۾،
مان شعر لکان وينو هي واءُ هِلايا ۾!

*

دوُنهون تہ وڃي ٿو پيو!
جَنءِ مِلَ ويائي آ ڪُونهون تہ وڃي ٿو پيو!

*

---

◆ سُونڊا : هڪ ڳوٺ.

❖ هلايا : هڪ ڳوٺ.

ڪيڏو نہ مٺو آهين!
تون ڪڙم منجهان هوندي ڇا لاءِ ڪٺو ناهين؟

*

درياهہ متان ڪلنڊِي،
ميهارَ ملي ويندا، سُهڻِي نہ ورِي ملندِي!

*

چڻ مَنڊُ گهُري ٿو پيو!
برسات جيان ٻيجل، ٻيهارُ ٻُري ٿو پيو!

*

ڏس رات پُني آهي!
هر رات جيان ڪوتا تو اڄ بہ ڏِني آهي!

*

چوَنڊين تہ رباب آهي،
تو آنءَ سِگهان خوشبو، مون لاءِ گلاب آهي!

*

هي راهه عقابن جي،
ٿا ابر اڇن وِچُ ٿي، آ ڪاههَ ربابن جي!

*

پيهار اهو ٻرندو؟
ڪيڏانهن وَئين پيجل، تون سازُ ڪَٿِي سُرندو؟

*

هي ڏينهُن ڏَرڙ جئن آ،
جنهن مَنجهه ڇپيل منهنجو ڇڻ شعر گَرڙ جئن آ!

*

تو مورتِيُون ناهِين،
هر روز آهي ڊاهي، هر روز پِيُون ناهين!

*

هر شعر شباب آهي،
هر سِٽَ صراحي آ، جنهن منجهه شراب آهي.

*

رنگ رَنگ ٻوليءَ ۾،
جڏهن بسنت ايندو آ هيل آءُ هوليءَ ۾!

*

اُستاد هُيو فاني،
جنهن وقت مليو مون سان ڪلهه ياد هيو فاني.

*

مون شاعرِي ڪنئي آ
تو سَو خوشيون ڪنيون، پَر مون هڪ خوشي ڪنئي آ!

*

اڄ رات راڳُ ڳائي
◆ آڪاشِ تو پُڇايو مارُو ٻهاڳُ ڳائي.

*

مونکان ڇا ٿو چاهين؟
غالب! تنهنجو شعر هتي آ تون تہ ڪٿي ناهين؟

*

---

◆ مارو ٻهاڳ: هڪ راڳڻيءَ جو نالو.

جوش مليحِ آبادي؟
اهڙي ڪابہ عَدالت، جنهن ۾ آنءُ ٿيان فريادِي؟

*

جي واٽَ ڀُلِي ويندين،
سنسارُ وڏو آهي اي يارَ رُلِي وينديِن!

*

ٽيشن نہ ڪِٽي ايندي؟
ڪيڏانهن پَتا ڇُهندِي ڇا ريلَ هلي ويندي؟

*

ڇوڏس تہ ڇتاءُ آهي،
پر مون نہ ڏٺو اُن ۾ آخر تہ خدا ڇاهي!

*

سڀ ڀولَ ڀڄون ٿا پيا،
پرڏيهہ اُڏارون ڏئي ڪيڏانهن وڃون ٿا پيا.

*

ڪا گهرج نہ ٻاهرَ جي!
تي راس آچي ايڏِي ٽُلسيءَ هوا گهَرَ جِي! ◆

*

سَپنا بہ عجيب آهن!
مان دوُر آهيان توسان ڪيڏو نہ قريب آهن!

*

رهندينءَ نہ تہ ڇا ٿيندو!
اي عمر! اڃا اِڪتي ڪَهندينءَ نہ تہ ڇا ٿيندو!

*

مهمان سرا آهي،
ڪو ڪيئن ڇَوي آڇِي ڪنهن وقت قَضا آهي!

*

تو ماڪَ مٿان لاهي،
رابيلَ ٽِڙي پوُندِي، ڇَوندين تہ خدا آهي.

*

◆ ٽُلسي: ٻوٽي جو نالو، جو هندو گهر ۾ رکندا آهن.

چڻ مَنڊُ وَڏِي اڳتي!
تون پيلھ، ھَنو ساڳو، ٿو چنڊ وَڏِي اڳتي!

*

تون تارِ ترِي وينڊين؟
چا لاءِ آبالو آن جي نيٺ مَرِي ويندين!

*

آيو تہ آئل آهي؛
ڄڻ چورُ پَپَن تي آ، هِي ڪير؟ آجل آهي!

*

زيتُون ڪِريو نہ ڀَھ،
تي ٽارِ مٿان آئي، جنهن وقت چٽونءَ ڇَھ ڇَھ!

*

ڪو خوابُ هٿي ڳاڏِي،
هو ماءَ ٻَچن سوڏي هو ڏُڏَ يري چاڏِي!

*

ڪُجهہ ڳهارِ سَرائن ۾!
آ نيٺِ هِتان هَلڻو پِي، پارِ قَضائن ۾!

*

هِي ڳهاٽَ مٽان ڪيئي،
پيڙي تہ وئي پَرجِي، ويئِي بہ آڙي ويئي!

*

اي موتَ اَچا جيئان!
آ ڏُڪَ بَچيو باقِي، ڪُجهہ تَرسُ اهو پيئان!

*

ياڻيئِہ تہ مَرِي ويندس؟
سنسارَ! هميشه لَئِہ مان ڪونہ ٽَري ويندس!

*

تو وَٽِ جيان ڪامان،
◆ ڪا مَٽِ نٿين آهيان تو جيئن ڪبيرا مان!

*

---

◆ ڪبيرا : اي ڪبيرا (ڪبير : هنديءَ جو شاعر)

بيڪار نہ ڪَرِڻي آ،
اوندھ تہ نہ آ هر شيءِ، ڪا جوتِ نہ مرڻي آ.

*

تو لاءِ تہ پارَت آ،
جنهن لاءِ بہ آيو آ، هي موتُ ڳجهارَت آ!

*

◆ ڇا تون تہ سَڌارت نانهہ؟
ڇو پيار سوا تُنهنجو ڪوئي بہ پدارٿ نانهہ!

*

تون ڪونہ مَرِي مَرندين،
ڪجھ ڏينهن رَهِي پاسي، پانيان تہ وَرِي ورندين!

*

هي موتُ اکر آهي،
ڏِسُ هِيءَ بہ ساڃاهِي، هر چيز اَمر آهي.

*

---

◆ سِڌارٿ: گوتم ٻُڌ جو نالو.

اي موت جڏهن اِيندَين،
تون گيت بَڏي مُنهنجا، ڪجهہ وقتُ تہ سوچِيندين!

*

ڪيڏانهن وَني ويندين؟
هر طرف تہ مان آهيان جيڏانهن وَني ويندين!

*

ٻيهارَ جِياري ٿي،
هي ڪوهَ اِڪيان نيسر ڪا ياد ڏياري ٿي!

*

هي چانهِ مَري وَئي آ
هوڏانهن ڪَندِي ڪائي، جنُ هيٺ ڪِري پَئي آ!

*

سوکهو تہ هيو ڏاڍو،
هي ڏار هوائن ڪان، پر ڪَيرُ ڇَوي؟ واڍو!

*

تا پاڻ رکون خبرون،
هڪ طرف سڻون تُنهنجون ٻي طرف سوين قبرون!

*

تي لاتَ ڪَري سانجِهي،
ڪو ٿام نہ ساگر جو، هو هيڪلڙو مانجهي!

*

اڄ رات خُدا ايندو،
تون آڻ ڀہ تازا گل، جو موتَ جُدا ايندو!

*

ڇا زَهر پيارينديِن؟
سقراط جيان مونکي پيهار جِيارينديِن؟

*

بَس! آنءُ رڳو آهيان،
آ سمنڊ اڳيان ڪيڏو، ڪيڏانهَن ڀڳو آهيان!

*

اي موت! ڀلي اَچ، ويهہُ!
تون لاهہ جُتي ٻاهر ۽ پوءِ اسان وٽ پيهہُ!

*

ڇڻ هيلَ تہ آڻِ آهي!
هي روز تِڪا ڇاڪو، ڪيڏي نہ سَرانڻِ آهي!

*

ٿو جاڳَ لہ چاهين تون؟
ڪا ننڊَ انوکي آن، ڇا موتَ نہ آهين تون؟

*

تون ڪير؟ نہ ٿو ڄاڻان
ڇا لاءِ ڀڳو آهيان مان هيئَن ڪڏهن پاڻان!

*

تون ڪير؟ اَجل آهيان
مون ڏانهن اَچين ٿو تون؟ پر مان تہ اَزل آهيان؟

*

توتي تہ رکِي آهي!
سُقراط تہ ناهيان مان پر زهر چکي آهي.

*

گهوڙو نہ جهليو، ويندس!
بَس هاڻ گهڻو پِيتو، بس هاڻِ هَليو ويندس!

*

چڻ چنڊ بہ پيلو آ!
ميهار ويو ڪاڏي؟ اڄ روحُ اَڪيلو آ!

*

آ موتَ وڏو ڏوڏو،
هر ڳالهہ وساري ٿو، اُن ڄو تہ رڳو لوڏو.

*

اي! موتَ نہ ماريندين،
تون آنهہ رڳو ڏِيئو، بَس راتِ اُجاريندين!

*

اي موتَ ڪَڪَرَ آهين،
گهنگهور گهڻا وانگر ڪيڏا نہ ڇَڪَرَ آهين!

*

مون ڪان بہ ڀَراهون ٿِي،
ٿو موتَ مَرِي هَرڪو ٿُون موتَ مَٿاهون ٿِي!

*

ياٿو تہ اِهوئي آ!
تون، آءُ پڪِي، دل جو داٿو تہ اِهوئي آ!

*

سنسارُ مَڃيرِي جو،
ٿو روز مَڃيُون ماري، هِي ڄارُ مَڃيرِي جو!

*

هِي سمنڊ اَجهاڳُ آهي،
جنهن لهر مٿان آهين سا لهر تہ ماڳُ آهي!

*

کنهن کي بہ پَرو ناهي!
تو سمنڊ هٿي ڇوليُون ڪوئي بہ تَرو ناهي!

*

ڪيڏانهن اڳي نِينديِن؟
اي موت! مسافر آن ڪِٿ راتِ گذاريندين؟

*

تون موتَ- گهڙي آهين؟
ڇا لاءِ ڏڄان توکان ايڏي تہ ڪَڙي ناهين!

*

اي موت مِنو آهين،
جنهن آنءِ ڏنو توکي ڀي ڪنهن بہ ڏنو آهين؟

*

تو ڪجهہ تہ ڇَيو آهي!
هنن وَڏَ ڦَڙو مون تي ڇا لاءِ پَيو آهي؟

*

اَڄ رات رَتَل آهي،
اڄ رات هتان هلجي ميڙو تہ مَتل آهي؟

*

تون ڪيرُ مُگرَ آهين؟
درياهہ وهي ٿو پيو، ڇا ننڊ کَپرَ آهين؟

*

سنسارُ ٻہ مايا آ،
جو چنڊ وڇايو آ سو چارُ ٻہ مايا آ!

*

ڇا ڏيهہ ڇڏين ٿو تون؟
جي هَيلَ ٻَنِي آهي، ڪيڏانهن لَڏين ٿو تون؟

*

تون مان تہ مڃيون آهيون!
ٿو موت جڏهن ماري ڪيڏيون نہ اَڃيون آهيون!

*

جي موتَ ڏنو پيڙو،
خود ڇُهنب منجهان ڪرندو، اي ڪاٺ ڪٺا ڪيڙو!

*

وَڻ ڪي ٻہ ٽہ پَر آهن!
تو چانهِ ڏٺاڪوتَهن اُن لئہ ٻہ سفر آهن!

*

ٻيهار ڪڏهن ملندو؟
اي راهگذارو هو ڪيڏانهن ويو ڪِلندو؟

*

ڪيڏانهن وَئينءَ ڪِلڻي؟
تون نانهہ وري، مُونکي ٻيهارِ ڪڏهن مِلڻي؟

*

ڇا آنءَ آڪيلو هان؟
’تون‘ ساٿَ ڇڏي ويندين، ’هو‘ آهہ سدا مون سان.

*

هَل وقت پَنو آهي؛
اهڙو ٻہ پڪي آ، جو وَڻ لاءِ رَنو آهي؟

*

ڇا جهونجهِڪڙو آهي!
ڪائي تہ ٻَئي آهي ڪوئي تہ ڀِڙو آهي!

*

رت پونءِ رڱو ماٿو،
ٿو موتِ مَري پَنهنجي، جي پونءِ رڱو ماٿو!

*

تون ڪير؟ ملايَڪَ آن،
ڇا آهہ ٻہ ڪجهہ اِڳتي؟ مون لاءِ وڏو شَڪَ آن؟

*

ڪوئي تہ ڇوي ساڏو،
سنسار ڳَنو آهي يا آهہ ٽيو واڏو؟

*

ڪيڏو ته ڦڏو آهين!
تون ڪيئن آٽو هوندين ايڏو ته وَڏو آهين!

*

تو ڳجهه سَلِڻ چاهِين؟
ڏسجانءِ متان پنهنجو تون پاڻ رڳو ڊاهِين!

*

تون نانهه پَري سائِين!
مون سَمندُ پٽي سُونجهو، ڇا لاءِ تَري تائِين!

*

آ پارِ ڀُڳي ٻيڙِي،
ڪوئي ته پتڻ تي آ، يا آهه رڳِي ٻيڙِي؟

*

نادانَ پيو ڳوليان،
تُنهنجو نه پتو جَن سي اِنسانَ پيو ڳوليان.

*

ڇا رام ڪَٽِي ويندين؟
تو هَٽَ ڏنو آهي ڪيڏانهن وَٽِي ويندين؟

*

ڇا لاءِ پيو ڏانهين؟
جا روز سڏي پيئي تنهن آد جيان آهين!

*

شهناءِ جيان آهيان،
ڪنهن آهه وڄيو مون ڪي جو هاءِ جيان آهيان؟

*

تو سورُ ڏِئي مارِين،
پيڙا تہ نهيو، ڇو تو، تون پورُ ڏِئي مارين؟

*

مان موتَ مَتاهون هان،
جي ڏورُ ڏسين مون ڪي اڳ ڪان بہ اڳاهون هان!

*

ڇا رُوءِ زمين آهين؟
ڪِٿ ناهه مڪان اهڙو، جت تون نہ مَڪِين آهين!

*

هر رڳ ۾ تہ آ مايا!
تاريخَ سَڄِي ٻيهَر جي گهڙ ۾ تہ آ مايا!

*

تو هانءُ هڄي- سپنو!
تو ڏَپُ ڏِٺي ڪَنهنجو؟ تو ڪيرُ ڏِٺي- سپنو!

*

هي نادَ وڳا ڪنهن لِءِ؟
ڪوئي تہ ڳوالو مُئو ڇرڪيا تہ ڏِڳا ڪنهن لِءِ؟

*

موتُ هڪ جُدائي آ،
جا اڳي ڪڏهن توسان آنءُ آزمائي آ!

*

هڪ نئون نِکار آهي،
جي اچي خزان کان پو موت هڪ بهار آهي.

*

زندگي پِرولِي آ،
پر ڏسين اگر سوچي موت کان بہ سولي آ.

*

آ ڪائنات ڪيڏِي!
اي چنڊ! اي ستارو!، ڪنهن جي برات ايڏي؟

*

اوچِي نِهارَ ڪنهن جِي؟
اي ڪائنات تو ۾ ايڏي آڏار ڪنهن جي؟

*

ڪهڙو پڪيئَڙو آن؟
توڙي وئين آڏامي تون اڄ بہ لِيئَڙو آن!

*

وقتَ جِنَ نہ ٽَڪَ ڪوئي!
عمر ڪان ڪسي ڳَنڍي هِئَن ويو نہ اڳَ ڪوئي.

*

ٿو وڃان پَري تائين،
اي اَنَنت ڳولها ۾ سمنڊ جي تري تائين.

*

ايڏو بہ نہ ٿي پَڏٿو!
آ ڪيرُ هِتي جنهن کي آهي نہ هِتان لَڏٿو.

*

سپنا اياز سائين!
ڇو ائن ڇڏي وَئِين تون، ساڀيا اياز سائين؟

*

سُک ڇاڻُ تہ آهي ڇا؟
ڏُک آهہ سندس ڪارڻُ ڏکَ ڇاڻُ تہ آهي ڇا؟

*

هي جو چڙهو چانڊ،
ڪيڏي تتيءَ باهه سان ٻري ٿو برهمانڊ!

*

تنهنجا پارَ آپارَ
ڪويل جي ٿيهه پهه پکي ڪتين ۾ ڪوڪارَ.

*

ڏولي تہ اچي ٿي پئي،
ڪو آهه پنيان پردي، ٻولي تہ اچي ٿي پئي!

*

ٻولي تہ سنڌءَ سولي،
مون لاءِ تہ تون ائن آن، جئن ماءُ ڏني لولي!

*

خاموش! خُدا آهي،
تو لاءِ جُدا هوندو، مون لاءِ جُدا ناهي.

*

چڻ سُنبَ پيا ترِکن،
ڪوئي تہ مَرِي ويو آ؟ گهوڙا تہ پيا ڇِرکن!

*

تو ڪان تہ وڏو آهيان،
تا سَمنڊُ چون توکي، ڇا آنءُ ڦڙو آهيان؟

*

ڇا تارِ تران توسان؟
درياهہ تہ آ ڪيڏو، ٻي پارِ تران توسان؟

*

ڪجھ سوچ تہ سَرتا آ
هوڏانهن ٻہ ٽي ڪِيڙا، هيڏانهن آمرتا آ!

*

تون ئِي تہ سَهارا آن،
سنسار نديءَ وانگر، تون ڪَپُ ڪنارا آن.

*

تائِيدَ تہ ڪا ناهي،
مان هيل بچي ويندس اُمِيد تہ ڪا ناهي!

*

هي ساهہَ بہ تون آهين،
سيسارَ بہ تون آهين، درياهہَ بہ تون آهين!

*

هي تارَ بہ تون آهين،
ميهارَ بہ تون آهين، سيسارَ بہ تون آهين.

*

بَسِ آن هليو ويندس،
هِي آهہ سِڏو توڏِي، گسِ آنءُ هليو ويندس.

*

ڪا باڪَ اِئين ايندي،
مان ننڊ پيو هوندس ڏونڌاڙ پئي ٿيندي!

*

پپرو تہ اڃا ساڳيو!
ڪيڏو نہ پري اڏرِي هاڻ ننڍ منجهان جاڳيو!

*

وَڃَ دَور مُدامي وَڃ!
تون سار نہ پڇري ڪي، ڪنهن وقت اَڏامي وَڃ!

*

اي عُمر وڃين پيئي؟
درياهہ پيو ڇُلڪي تون بَندَ ٻَڇين پيئي؟

*

اڄ ڳاتُ ڇُمِي تُنهنجو،
في الحال ٻَڌي ٻيڙي، مون گهاتُ گهمِي تنهنجو.

*

جي چَنڊَ جَهلِيو ويندس!
ڪيڏو ٻہ ڪَپَر ڪُرندا، اي ناوَ، هليو ويندس!

*

ڪيڏو نہ مِٺو سپنو!
آ باڪ ڦٽي؟ پنجي تو راتِ ڏِٺو سپنو!

*

هي ساهہ گھٽو رهندو؟
اي ناوَ! هلبو ويندس درياهہ پيو وَهندو؟

*

تو نيٺِ مَچِي ماري!
تو واهہ ڇلي اُن پر بي ساهہ نہ سينگارِي!

*

ها چَنڊ مَچِي آهي،
پر ماگِريو سارو هِي مَنڊ مچي آهي!

*

چوڏول پيو ڦِرندو،
تون هيٺ مَٿي ويندين، هو گولُ پيو ڦِرندو.

*

ڇا لاءِ وڌءِ ڳهانگهو؟
ڪيڏي نہ مزي سان تي ڪلهہ رات ويو ڇانگهو؟

*

جي راتِ وَهيا ٽِينڊِي،
تِن شامَ ڪَجيءَ تي ٿي ڪُجهہ نِنڊَ اچي ويندي،

*

منهنجو بہ خُدا آهي،
ڪنهن وقت گلاب آهي ڪنهن وقت صبا آهي.

*

ڇا پَنڌَ پڄائيندا؟
ڪنهن وقت هَڏا منهنجا شرناءِ وَڄائيندا؟ ◆

*

اي پوپٽڙا ڪيڏانهن؟
جيڏانهن نظر آيو تو آهہ خُدا تيڏانهن؟

*

---

◆ شرناءِ: شرنائي، شهناءِ.

ٻي ڪي بہ پراڻ آهي!
جي ڄاڻ اِها ڄاڻين خنجر بہ مياڻ آهي.

*

تون تيز ڪنارِي آن،
◆ مرهم بہ تہ تون آهين، تون وارُ بہ ڪارِي آن!

*

ٻيهار نہ هِي ايندو،
پَل ڳلُ جيان آهي، ويندو تہ ڇُٽِي ويندو.

*

اي موتَ! ڀَلِي آئين!
موڪل نہ وَٺِي مونکان، جنهن وقت هَلِي آئين!

*

ڇو ڏاتِ وِسامِي ٿِي؟
ڇا باک ڦُٽِي آهي ڇا راتِ وِسامِي ٿِي؟

*

---

◆ ڪاري وارُ: خطرناڪ حملو.

ڪارِي ٻہ نہ ڪيڙائو!
تو سمنڊُ ڏِسين ڇا لئہ تون سڄ لَٽي ياڻو؟

*

مون لاءِ گهَٽا ڪِڙيءَ؟
ڪي ڏينهن اچا هَلندا، هي ڪُجهہ ڪَٽا ڪِڙيءَ!

*

ٻيهارَ ٻہ ملنداسِين،
ڪنهن دورَ ستارِي تي ٽيهِارَ ٻہ ملنداسِين.

*

بس ڇاڻُ پُني آهي،
مون لاءِ رَڏي تو هيءَ ڇاڪاڻ ڪَني آهي؟

*

آ جاڳَ وَڏِي ويتر!
ٽي جهونجهڪڙو جيسِين تو ننڊَ نہ آ ٽيتر!

*

جِئَن ماڪَ أڌامي ٿي،
اِي آدِميو! آخر هي خاڪَ أڌامي ٿي.

*

آهي ٻه ته ٻيا آهي؟
جنهن جوڙَ سَڄِي جوڙِي ڪوئي ته خدا آهي!

*

تونِ عرش پُڄائين ٿو؟
هِي ڀِپر پَري ويندا جن لاءِ ڪَنائين ٿو!

*

هي ڪهاوَ هَيا تُنهنجا؟
ٿي آنءُ اناالحق چيو، پَتراوَ هَيا تُنهنجا.

*

اي موت لَهِي سگهندين؟
ايڏو ته پَري آهيان تون ڪِيئَن ڪَهِي سگهندين؟

*

تون ڳول خُدائيءَ ۾!
آ ڪيرُ ڪَٿو توسان هر وقت جُدائيءَ ۾؟

*

اڃتي بہ سفر آهي،
◆ استاد بخاريءَ کي، ڇڄُ پيرَ تہ ڪجهہ ساهي!

*

چوڌار ڪَتيون آهن،
سنسار ٻري ٿو پيو، ڪيڏيون نہ ٻتيون آهن!

*

ڪجهہ وقت ٽري ويندو،
جي موت گهٽائن کي ڏِسندو تہ ٽَرِي ويندو!

*

ڪنهنجي نہ مجي ٿِي پَئي،
سَٺو ڏَڏُ ڏِيو يارو، هي دل تہ وَڄَي ٿي پئي!

*

◆ استاد بخاري: سنڌ جو مشهور شاعر.

ڪا موتَ مَهل آهي؟
ڪنهن لاءِ ڀَڏي پوپي ڪائي ٻہ ڪَهل آهي؟

*

ٿي دانهن تہ ڏُورين مان!
جنهن وقت وَهيا ڪپريا، بَندوقَ ڪجورين مان.

*

ڇا نِنڊَ سَڏي ٿي پَئي؟
ڪيڏا نہ وڄائي اَڄ هِٽِن گهنڊَ سَڏي ٿي پَئي؟

*

سنسارَ ڏسان توسان،
اي چَنڊَ اگر ترسِين ڀيو پارَ ڏسان توسان!

*

ڇڻ دُور پِيارن سان،
مون ايڻَن ڪيون ڳالهيون، ڪلهہ رات سِتارن سان!

*

سنسارَ جيان سپنو؟
جنهن ننڊَ اکين ۾ آ، تَنهن ڀارَ جيان سپنو!

*

هي موتَ تہ پَلَ آهي،
جنهن راتِ ملين ٿي تون سا راتِ اَزَلَ آهي!

*

آ جڳَ سَچو سپنو،
هِي ماڳَ بہ اَن وانگر، جِئن ڏڳَ سچو سَپنو،

*

اڪَ مور هُيس ڇا مان؟
اڄ رات گهٽا وانگر، گهنگهورَ هيس ڇا مان؟

*

جنهن وقت مَرِي ويندس،
درياهہ وهي ٿو جو تولاءِ تَرِي ويندس.

*

هِن لوڪَ منجهان لَڏجِي،
هَتُ نانهہ رهيو هَٿ ۾، ڪيڏانهن وَيو ڇَڏجِي؟

*

ڪنهن جاءِ مِليون ڏيلون؟
ڪيڏانهن وئي ڪُنيا، جنهن جاءِ ٽِليون ڏيلون؟

*

ڪيڏيون نہ ڳِليون آهن؟
سَوَ سال اڳي پياريون، جنهن جاءِ مِليون آهن!

*

اي موت سندءِ ٻولي،
ايڏِي تہ مِٺي آهي، جئن ماءُ ڏِني لولي!

*

ڇُونڊِي تہ ڳِٽِي ڏاڍِي!
اي موت! سُمهڻ ڏيندين تي نِنڊ ڦِٽِي ڏاڍِي.

*

قدرت ته حساب آهي،
هَر انگَ اکر اُن جو محفوظ ڪتابُ آهي!

*

موت جي قريب آهين،
پو به ايتريون مَستيُون، ڪيترو عجيب آهين!

*

ڪو نه تو لڳي ڪوڙو،
موت هڪ ڪهاڻي آ، جا ٻُڌي پيو ٻوڙو!

*

دَردَ آهه جياتيءَ ۾!
پو به ڪيترو آهي آسرو حياتيءَ ۾!

*

◆ هِي جاءِ ادب آهي،
هت اَءُ جُهڪي ويجهو، اي موت جُتي لاهي!

*

◆ جاءِ ادب: ادب جي جاءِ. زير اضافت ڪم آندل آهي.

اي موت! جڏهن ايندين،
ڪنهن وقت به مون غافل پَل لاءِ نه پائيندين!

*

اي موت! پڇيئه ڪنهن لاءِ؟
هر وقت ته ٻاهر آ، ڪنهن جاءِ ڪڏهن ڪنهن جاءِ!

*

ڪو ڪٿت نه هاڻي جو،
ڪيڏو نه مگر سوچيو تو آهي سياٽي جو.

*

هي پَٽَ منجهان پينگهون،
تو لاءِ اسان باقي، ڪجهه سالَ پيا اِينگهون!

*

ڪٿن ڳوٺُ ڇڏيندس مان!
جنهن وقت سڪر آيس تو ڏانهن به ايندس مان.

*

اوٺارَ اچن تا پيا،
تون آئهه لَڏي سان گڏ، آثار لڳن تا پيا.

*

هي پَنڌَ پهاڙن جو!
هيسِين تہ پَلو ناهيان کو هَنڌَ پهاڙن جو!

*

کيڏانهن جُهکي ڏاچِي،
اڄ ڪالهہ سياست جي مون واڳَ پَئي جاچِي.

*

هِڪَ مِينهَن ڪَري ڪَڙڪا،
پيو وِڄَ وراڪا ڏي ۽ رعد ڏِئي دڙڪا.

*

طوفان لڳا ڏاڍا،
کيڏيون نہ ڻٽيون تاريون، ڏِسَ ڏارَ ڀڳا ڏاڍا!

*

پورِي تہ ٿِئي پَن ڇَڻُ!
ڏسجانءِ جڏهن پائِن، پهراڻ نوان وَڻَ ٽَڻُ،

*

سَو سجَ ڪِڙِي پوندا،
جنهن وقت بسنت ايندو گل اِيئَن ٽِڙِي پوندا!

*

هي روجُهہ هيو رِڻَ ۾،
جو رات ڇلانگن سان ڪيڏانهن ويو ڪِڻَ ۾!

*

ٿِي بَسَ وِچِي ٽَڪڙِي،
هِي شهَر وَڏِي ٿو يا ٿِي ڇارُ اَٽِي مَڪڙِي!

*

ڪو ڇِرس ڇڪِي اِڳيان،
آ بَسَ هوا وانگر ٿو موت وِچِي دڳِ تان.

*

جي پارِ ٻڳا ڪَرها،
ڇا لاءِ ٻَچيئڙِ هاٽي آرهاڪِ هُيا سَرها!

*

ڪا ٻاڪَ اٻِرٽي آ،
هن سڄُ جيان سَڄ جي ڪا ساڪَ اٻِرٽي آ!

*

تون سوچ تہ ٻَنٽُ آهيان،
نانڪ بہ گرنٽ آهي ۽ مان بہ گرنٽ آهيان.

*

جا واٽَ وڃان ٿو مان،
پيرا تہ ڇِتا آهن اي ماٽَ وڃان ٿو مان.

*

ياٽيان تہ ٻَلو آهي،
پنجاب نہ ٿو ڄاٽي ٻاهو ڪِ ٻَلو ڇاهي!

*

موں لاءِ پنائيءَ جو،
ڇا لاءِ سدائين هو پيغام جدائيءَ جو؟

*

هر وقت سنڌءِ سارُون،
تون دورُ سهين تِڙڪن، ڪنهن وقت بہ ديوارون.

*

آ پارِ پتڻُ ڪَرٽو،
ربيدارُ تہ سڀ ڪان پو، اڳواٽ تہ ڏَنُ ڪرٽو.

*

هِي سِرَ نہ سِرُون آهن!
جيڏانهن بہ ڏس هيلو ڪيڏا نہ مِرُون آهن!

*

ويسام ڪيو ويڙها،
ڪنهن وقت وري ايندا شهتوت مٿان هيڙها!

*

گهنگهور گهٽائن ڪان،
هوڙا تہ بچي ويندا، پَر تيزُ هوائن ڪان؟

*

اڄ چَنڊَ تہ ساڻُ آهي،
تون وڳُ وٺي ويندين؟ ڪجهہ دورَ وٽاڻ آهي!

*

اي خواب! ٽِڙيا ماشا!
جڻ ڳامَ ڳجهن جو ها ڪنهن هَنڌِ سَوين لاشا!

*

ڪجهہ ڊُونڊَ پئي تاڙي،
ڪا هِلِ هوا ۾ آ هيڏانهن ڳِچي لاڙي!

*

ڪيڏانهن ڪَهن ٽا پيا؟
گهوڙا تہ سَوين نُقرا جڻ هيٺِ لَهن ٽا پيا!

*

هي جَهنگُ وَڏو آهي.
هيڏانهن لَڙون هاٿي، ايڏانهن ڪَڏو آهي!

*

تون آنهه تہ پاٿيءِ ۾؟
هوشو بہ مٽو هو پَر ٽِي ويڙهہ مياٿي ۾؟

*

هاٿي تہ دَرندا ها،
ڪنهن وقت تہ چڻ مون وٽ انسان پرندا ها!

*

تون هونءَ مَرِي ويندينءَ،
اي سِندُ بَچِي ويندينءَ جي هاڻِ تَرِي ويندينءَ.

*

ڪيڏِي تہ ڪَڏي ڪُرسي،
مونکي تہ اچي ڪِرسي، تو نانءَ بِدَي 'ڪُرسي'!

*

هي شهر تہ ٻيلو آ،
ڪيڏا نہ مِرُون آهن انسان اَڪيلو آ!

*

ڇا لاءِ جُهرِين ٿو تون!
جي روس اهو ناهي ڇو پاڻَ نہ ٿِين ٿو تون؟

*

وِچُهہ ڏوڙ سياسَت ٿي!
انسان رَهيو آهي ڪنهن وقت بہ هڪ مَتِ تي؟

*

ماڻهو بہ مرُون آهي،
هُو 'آنءُ' رکو آهي، ڪنهن وقت بہ تون ناهي.

*

ڪجھہ وقت 'اسان' آهي،
تاريخ پڙهي ڏسندين بالآخرِ 'مان' آهي!

*

اي ڪڪا! سياست جي،
تو روز هٿين مونسان ڇو جڪ سياسَت جِي!

*

تو ڇونہ ٻڌو مونکي؟
تو ڪوڙ هلي ڪيڏو تو ڪونہ ٻڌو مونکي.

*

هڪڙا تہ سَهن وانگر،
ٻيا ڏِس تہ لڳن ٿا پيا نَاهر جي نَنهَن وانگر!

*

تون قومَ ڪٿي آهين؟
تون خود بہ نہ ڄاڻين ٿو، چاهِين بہ تہ ڇا چاهين!

*

تون خَبطُ صدين جو آن،
سمجهين تہ ائين ٿو ڄڻ تون رَبطُ صدين جو آن.

*

اي مِينهَن! مَرڻَ ايندا،
تون تارِ تَرائِي ڪَر، هَر راتِ هَرڻ اِيندا!

*

اي هَبُ هَلِي ويندينءَ!
ڇا ڪونہ وَسائِيندينءَ تِي اَبُ هلي ويندينءَ؟

*

ڇا لاءِ ڀَلا واريءَ؟
طوفان ڏَڪيا آهن، هر وقت سَلا واريءَ!

*

اي ٻاٽَ ڪري ڏاڍا،
هوءَ ڇِبُ وَئِي آڏِي، ڇرڙاٽَ ڪري ڏاڍا!

*

ائن وَهٽَ نہ پاڇاريءَ،
اِن رِيت لکيو آهي هي ليکَ بہ ليڪاريءَ!

*

مون کي نہ ميارون ڏي!
◆ جڻ وڄَ ڪِري پَئي آ اڄ دَنِ مٿان تنهنجي.

*

توئي تہ گهُريون چورا!
❖ ٿَر ڪالهہ وَيا تيلهي، تون ڪاءِ ڪُريون چورا!

*

جنهن وقت پَوي پارو،
گورو بہ ڏَکي تَنهن ۾ تو جيئَن ڏَکي ڪارو.

*

ٻي ڪابہ دوا ڪِينَ آ!
هِي مرض سياست جو، تَنهن لاءِ گِلوٽِين آ؟

*

تو لاءِ تہ گهاٽَ آهي،
ڪِن لاءِ ندي جنهن مان تي ناوَ اُچاٽَ آهي.

*

---

◆ دَنِ: گاهہ يا اَنُ کنو ڪري اوکي وقت لاءِ دَن ٺاهيندا آهن، جيڪا باهہ سان نہ سڙندي آهي.
❖ ڪُريون: هندائي جا سنڪل ٻج.

هي شهرَ ٻه مانگرڙا،
جِن پيٽَ نه تو پَرجي، هر چيزَ لڳي ڌَرڙا!

*

تا واتَ هلن هِتڙي،
مانگر ٻه مِلَن هتڙي، ويسَر ٻه پَلن هتڙي!

*

هي ننڊ مٽان ٽوپي!
ڪيڏي نه لباڙ آهي، ڪلهه رات هنئي تو، پِي!

*

ڪيڏو نه هيو ڪِيدي!
جو ڪالهه مُئو پَجندي ڌاڙيل مُحَب شيدِي!

*

قانون ٻه تون آهين،
قارون مُئو ناهي، قارُون ٻه تون آهين!

*

ڇا ٽياس مٿان ٽنگجُون؟
بي موت مَرُون يارو! ڳالهيون نہ ڪيون جنگ جون؟

*

آثار ڇون ٿا پيا،
هو اَبُ پَئِي اَيرِي ڇَندا بہ پون ٿا پيا!

*

ٿَڌُ آهہ تہ آهي ٺرُ،
ڪاراڻ ٿِيو آهي هن وقت اُتر اوڀَرُ.

*

تون ڇُپُ تہ ڪَرِ ڇَرڙِي!
ٿو اَڀُ لڳي سارو ڪيڏِي نہ تِتَر ڪَرڙِي!

*

ملهار تہ ڪجھہ ڳايو،
هن وقت ڏڪڻُ اولهہَ، آيو ڪہ اِڃهو آيو.

*

تارا بہ تنوارن تا،
ڪجھ مورَ ڪري دانهون، اي اُبَ پُڪارن تا!

*

ڇا لاءِ ڪَنهيَءَ ڪياڙِي؟
سَچ چئہ تہ بري بُک ڪان ڇا آهہ نہ ٻُوٽاڙي؟

*

ڪجھ خوابَ ڇُپائي رک،
ڀي راتِ بہ اچڻي آ، اُن لاءِ بَچائي رک،

*

جڻ ڪُتَ سَتائي ٿي!
اي موتَ اِئِين مون کي هي رُتِ سَتائي ٿي!

*

هُو چَنڊُ مٿان ڇَڪلي،
ڪجھ لوڪ لَڄا واريُون ڪيڏانهن پَيو هَڪلي؟

*

هي ياڙِ سياست جي!
ڪيڏو نہ وڏي وِچڙي ڪو راڙ سياست جي!

*

جنهن وقت پڪِي ايندا،
منچر بہ مَلهي ويندو تو ڳهرِ بہ سڪِي ايندا!

*

هن وقت تہ يَر پيڙي،
ماني بہ پَچِي تِي پَئِي گهر گهاٽُ بہ آ بيڙِي.

*

ڪو ڦٽُ سُڪو ناهي،
آ مَڏُ چُڪي باقي ڪو مَٽُ سُڪو ناهي!

*

ڇا سَچُ مَرِي ويندو؟
ڇا رڪُ وَڃِي رهندِي، هي مَڃُ ٻري ويندو؟

*

ڪيڏو نہ سَڙِين وينُو!
تو ڪجھ نہ ڦٻِي توڪي پر گھاٽ گھَڙِين وينُو!

*

ڪيڏِي نہ وَڏِي آهي!
ڪيئِي تہ ڪنُا اِن تي هِي آسَ- آڏِي آهي!

*

هي ٿنبَ ڏِسو ٽائَن!
آ ڏِڪَ وَڏو تِن تي جيڪا بہ وَڏِي مائَن!

*

سَبِ ڏارَ ڪَپيل آهن،
جنهن وقت رڏون آيون ريڏارَ ڪَپيل آهن.

*

هي پيچَ پنيءَ ياٿان!
تون آءُ وري موٽِي ٻي ڳالھہ نہ مان جاٿان.

*

ڏِس سانتِ اَڪيلِي آ،
تون آءُ هلي تو لَئِہ ڪيڏي نہ حَويلِي آ!

*

اڄ ڪالھ مکين وانگر،
انسان ڪڏهن ٿيندا آزاد پکين وانگر؟

*

◆ اڏ رات، رڳي ڪانجهي!
ٻيڙي تہ ٻَڌءِ ٻَرتي ڪجھ وقت اَڪي مانجهِي!

*

❖ هي ڪامِڙيا آهن
ڪامو بہ پيا ڪوٽن، ماني بہ پيا ڪائِن.

*

جڻ تيز ڇُرو آهين!
تون دوست بہ آن منهنجو، دشمن بہ بُرو آهين!

*

---

◆ ڪانجهي: ڏاڍا پترا جانور، گهٽي لوڻ وارا.
❖ ڪامڙيا: مزور.

ڪنهن وقت ستائين ٿو،
پڇتاءُ ٻہ پاڻ آهين جي ڪَندُ ڪَپائِين ٿو!

*

هي سُرخ سلام آهي،
ڪنهن کي تہ مُنا ڪن تا ڪوئي تہ مقام آهي!

*

ڇا گهندِ رڱو گِرجا؟
◆ تون آنهہ پروهت پَر پَربِين آٿي پِرجا!

*

تو ڪانوَ تَڙِي ماڙهو!
هي ماچ چِڱِي ناهي گهٽ ڪاءُ اڙي ماڙهو.

*

ڇا وَسَ رڱو واڪو؟
تو لَڪَ وَچِي آڏو ڪيڏو تہ نہ چاڙهاڪو!!

*

---

◆ پَربِين: باشعور.

ڪَنهنجي نہ مَجِيندي آ،
ڏَرتِي تہ سَڀِي وانگر هَر وقت ڇَٽيندي آ!

*

اِئن ساڙَ سَڙِي ويندين!
ڪا لهس نہ تو ايندي، جنهن وقت لَڙِي ويندين.

*

ٻَڪ ۾ تہ ڪَچا ڪائي
ڏَرتِي تہ ڪَتِي آهي، تِي روز ٻَچا ڪائِي!

*

ڪَڏ آنهہ نہ ڳَڏڙِي ۾؟
تون ڏُور لڳين ڪيڏو پيو هونءَ تہ سَڏڙِي ۾!

*

ڪَڏ آنهہ تہ ڳوڙِيءَ ۾؟
هي چنُ ڪِ چيروِلي آ وَقتَ- نِجوڙِيءَ ۾!

*

ڇا موت بُرو آهي،
پر هيءَ حياتي خود، هڪ تپرُ ڇُرو آهي؟

*

تو وَٽ ته ٻه ٽي مينهون!
گهر گهاٽُ ڇڏي ڪنهن لئِہ درياهه اندر پيهون!

*

اڄ رات اَڪيڙي ٽِي،
ڪيڏا نہ سَلا پاڙُون برسات اڪيڙي ٽي!

*

ڪٿ لونءِ ٻلي لولِي!
تون تَڄ جيان ڪنهِجي، ڪَنهن وقت هٿيڻءِ ٻولي!

*

◆ آ مُندَ نہ آمَن جِي،
توکي تہ اچا عادت بي وقت اڏامَن جي!

*

---

◆ آم: انب

بندوق نہ تہ تاڻي،
ٿو جَجُ ڏئي فتويٰ، ڪنهن لاءِ اهو جاڻي!

*

واپارَ سَمهي پيا سَڀَ!
ڪيڏا نہ هَڏا چوسي هاتارَ سَمهي پيا سَڀُ.

*

ڪهڙي نہ صَدي آهي!
واڳون نہ جِتي ڪيئِي اهڙِي بہ ندي آهي؟

*

اڳ جيئَن نہ جوکو ٿي،
هاڻي تہ هَلو سوچي، پيهار نہ دوکو ٿي!

*

تون دوست ڪِٿي؟ وِڇُون!
حيوان چڱا آهن انسان نہ آهين تون!

*

اي شمع ٻُجهي ويندينءَ!
آ رات وَڏي، ڪيسِين تون روشنيون ڏينديِنءَ؟

*

تـوڙي تـہ ڀُراڻـو آ،
هِن هَنڌ وَڏا ٻوريل، هي شهر اباڻو آ.

*

بيڪار وئي گولِي،
ڏوڙيو تہ ڪٿي ناهي هر هنڌ رڳي هولِي!

*

ڪنهن لاءِ اهي قبرون؟
اخبار پراڻيءَ تي تون آنهہ رڳو خبرون!

*

انسان جِئَن ڪُتا!
ڏِسَ ڊونڊَ ڏِسِي تِن جا، ڪٿُن ڏَندَ وجي ڪُتا!

*

کهڙو نہ شهَر آهي!
◆ آ چنڊ اُهو پيالو، جنهن منجهہ زهر آهي.

*

هي سَڙڪ سويري ۾!
اڄ وڃ تہ اُداس آهي، ڪيڏي نہ اَنڌيري ۾!

*

ٻيهارَ بہ واچوڙو!
ڇا جنڊَ ڇڏائيندو هاڻي بہ نِمي ٻوڙو؟

*

ٽِي پير ڏٺيِ ڊرتِي،
چُپ چاپ رهان ٿو مان ۽ روزُ رَنيِ ڊرتي.

*

ڇا رات اڪيلي آ!
ڪوراڙِ جيان ٻيلو، ڪوئي بہ نہ ٻيلي آ!

*

---

◆ سنڌيءَ ۾ شهر ۽ زهر ۾ 'هہ' متحرڪ آهي. اُنکي ساڪن ڪرڻ فضول آهي.

❖ ڇا ڳالهه اَدلَ آهي؟
سڪرَ تہ تڏيرو آ يا مُندَ بدل آهي!

*

آهي نہ ايجا ٽيڙهي؟
ٽِي ساهُ ڪڍي وڻ جو اُيري بہ تہ وَڻ ويڙهِي!

*

ڪيڏانهن وَڃِين ٽِي تون؟
آ تِڪَ گهٽي اِڪتي ڇا لَئِہ نہ مَڃين ٽِي تون!

*

اي لاڙَا! ڏُکيو آهِين،
هو چَندُ، هَوا ڏادِي، پر تون تہ ٻُکيو آهِين!

*

بي حياءُ پاڙو آ،
آدمي ازل کان جِت موتَ جِئَن اگهاڙو آ.

*

❖ ادل: ادل سومرو.

وَڏ ڦڙو پيو ٺاهي،
◆ ڪوئلون ورَيُون آهن، اُبَّ اُبَّ ۾ آهي.

*

جِن وَتِ سِڪا سنُهرا،
ڪيڏي آتام اوندهه سڀي چَنڊ چَنڊ چهرا!

*

هو هونءَ ته دنيا ساريءَ ۾،
● پر جامَ جيان گلرنگ لڳو ٿي فيضُ لياريءَ ۾.

*

وينا چَنڊ ڪيڏن!
چاڙُن ٽا گهيراءُ ڪيو آ تن جو لِياريءَ ڪيڏَن!

*

گهرَ گهرَ گهاٽي ۾،
ٽاٽيدار ته وينو آهي، پنهنجي ٽاٽي ۾!

*

◆ ٽر ۾ ڪارن ڪکرن کي ڪوئلون ٻه چوندا آهن.

● فيض: فيض احمد فيض.

کيڏو دونهون آ!
هي رستو ڪيڏانهن وڃي ٿو، ڪوئي سونهون آ؟

*

هِن ويراني ۾،
ڏِس ڪيڏِي ڦَر مارِ هلي ٿِي جوئا خاني ۾؟

*

ساڳي دنيا ناهي؟
ڪو پيرو مل هوندو پر ڀي هيءَ ڪراچي آهي!

*

سيَدَ، سيَدَ تون!
ڳالهه ڪرين ٿو ايڏي ڇا لَءِ، ڏيئي شَد مَد تون؟

*

آءُ ڪِلفٽن آءُ!
سَمنڊ جيان جو ڪارو آهي، ياءُ نہ ڇاٽي ياءُ!

*

سنڌي ڇوريءَ ڪي،
ڇڏ ڪٽِي تون، ڏاج مليو آ ڪيڏو بوريءَ ڪي؟

*

ٻِي ٻِي سي ٻُڌندين؟
روز ٻُڌين ٿو ڪُوڙيون خبرون. ڪا سَچِي ٻُڌندين؟

*

ڪيئي واتَ وَڏا!
مورِڙيا! هِڪَ مانگر ناهي، ڪَنَ ڪلاچيءَ جا!

*

ڏس ٻپر پَڪا ڏاڍا،
گهر آءُ رِلِي ٽَنهنجا اچ پَپر پَڪا ڏاڍا.

*

ٻَوُ ٻول هليو ويندو،
هِي چنڊُ ڇُمِي ڏيئي پو رول هليو ويندو!

*

پِي ڳوهه تَرِي تائين!
هي چَنڊُ به پِي وِچ جو، آ هيٺ پَرِي تائين!

*

جي جيءُ جڏو آهي،
ڇو ڏيان ڏِيان ان تي، ڪيڏانهن لَڏو آهي؟

*

اڄ جَهڪَ لڳي تِي پِئي،
تون نيٺ هلِي ايندينءَ مون پَڪَ لڳي تِي پِئي!

*

جڻُن پاڻ جُهلائي تِي،
اڄ آهه بسنت آيو، هِي ٻِپرِ ٻِڏائي تِي.

*

اڄ جِيئَن نه وازِيءَ تي!
هي رات مٿي گذرِي جيڪر ته پهاڙِيءَ تي!

*

آ ڪَلَ پٽِي تو ڪا!
تي مُند پٽي گذري ۽ ڏنگَ ٿيا ڏوڪا.

*

جهولا ٻہ هُيا جهولا،
ڪلهہ اَنبَ ڪِريا ايڏا تي لوڪ ٻَريا چولا!

*

ڪلهہ راتِ ٻهاڙن جِي،
تي چنڊَ ڪٽِي مونسانَ ڪا ٻاتِ ٻهاڙن جي.

*

ڪيڏا نہ ٻڪِي آيا،
ٻَر ٻاتِ ٻَريئہ جيڏي، ايڏا نہ ٻڪي آيا.

*

هيڪار حُبابن ڪَي،
درياهہ ڪِناري ڏس، ڏي ٻاهہ ڪتابن کي!

*

آ پيپر پيرِي ڪيڏي!
سڀ پيپر ڇڻي ويندا، تون ڊونگ نہ ڏي ايڏي!

*

تون روڪ نہ ڪانياٽي!
ءِ ڇڏ تہ پڪي پيئي پل نهر منجهان پاٽي!

*

نينڊينءِ بہ تہ تون چا چا!
درياھ ڪٽي ويندو اي نمر سندءِ پاڇا!

*

هي نمر مٿان ڪان ڪان،
ايندو بہ پرين ڪانگا يا ڪالھ جيان ڪان ڪان!

*

مونڪان بہ گجھون ڳالهيون!
ٿو سونَ ٻري جِن ۾ سي چَندَ مُکيَئہ ٽالهيون!

*

ائن ڏينهن ٽڳن ٽا پيا،
ٽا اَنبَ ٽِڪِن طوطا، جهولا ٻه لڳن ٽا پيا!

*

جڻن يارَ چُمِي ٽَڻَ تي،
ٿو ڏار چُمي اُن کي آ چنڊُ لَٿو وڻَ تي.

*

ڪِٿِ رَين بسيرو آ،
اڄ رات ٿَڌِي آهي ٻيو ٻاٽَ انڌيرو آ!

*

ڇا هيل ٽِڙيا آهن!
جيڏانهن ٻه هلنداسين رابيلَ ٽڙيا آهن!

*

ڇڻ ڏَکَ ڏَکيو ساوڻَ!
هوُ ڏينهَن ڏِٺي ٿو ۾ درياهَ لڳا ڏانوڻَ!

*

اڄ سُمهه نہ هِتي ڇَت تي،
ٿا ڳِلَ ٻَرن ٽُنهنجا، ٿو چَنڊُ چمي ڇَت تي!

*

هي آلَّ ٽپهريءَ جا،
ءِ واءُ سرءُ جي ۾ هِي پَلَّ ٽپهريءَ جا!

*

پَل گِهنڊَ پيا ڪَڙڪن،
ٿا ڪونہ مُڙن طاطا، شهتوت پيا لَڙڪن.

*

زيتونَ ٻَري ٻيڙي،
اڄ رنگَ شفق جي ۾ ٿِي ڪِئَن نہ تَري ٻيڙِي!

*

جنهن وقت گهِرينءَ گهر ۾،
ءِ گهوٽَ ڏِنئہ گهُوري تو سَڄَ ڇڏيو دَر ۾.

*

جنهن وقت ٻَڪا آڙو،
تو ڪونہ ٻڌو مونکي ٿي آنءُ چيو 'ماڙهو' !

*

هي مِينهَن ڪجورين ٿي!
جُهڙ آهہ تِيو گهاٽو مِي ڏينهُن ڪجورين ٿي!

*

ها سَسُ تہ چُڃَي آ!
پو ڪيئن پَروڙي وَڃِي هي نُنهَن بہ تہ لڇَي آ!

*

هي ڪاٺ ڪٽي ڪِيئون!
ڪئن رَنگ ڏِسِي مهڙا برداشت ڪري هِيئون!

*

ڏس رات رَمِي پيئِي،
ٿارِي تہ ٽڙِي آهي، ڪا چيز چَمي پيئِي.

*

هي سونَ وَنيون شامون!
ڇا سڄ پَرندو هو آڏريو تہ لڏيون لامون!

*

ڪيڏيون نہ ڇِتيوَن ڇوليُون!
اي چَنڊَ پَئي سمجهيون، توئِي تہ سَندن ٻوليون!

*

درياهہ سِتارن سان،
تو چَنڊَ وجي اَن ۾ ڪيڏانهن ڪِنارن سان؟

*

مون لاءِ فقيرن مان،
تو چنڊُ ستارن سان، سمجهو تہ اميرن مان!

*

اڄ رات سَجاول ۾،
آ چنڊ ستارن جي ڪيڏيءَ نہ ڏکيءَ وَل ۾!

*

◆ آ رات لَڙي راڄڙَا!
❖ قادر تہ پَيو پيئي، آ بُکَ لڳي راڄڙَا!

*

آ رات لَٿي ساٿي،
ڪجهہ نانهہ صراحيءَ ۾ ڪا ڀي بہ اَٿي ساٿي!

*

ڪَن ڪانوَ پيا ’ڪان‘ ’ڪان‘،
ٿي سانجهہ سَرءُ جي آ، مان ڪجهہ تہ پيو سوچيان!

*

چڻ موت هوا ۾ آ،
هي چنڊ سَرءُ جو آ، يا آگَ چِتا ۾ آ؟

*

سَيَ نِرَ ڪِٽي ٽينديون،
اڪثر تہ نموريون ائن بيڪار ڇٽي وينديون!

*

◆ سرفراز راڄڙ.
❖ عبدالقادر جوڻيجو.

اَڄ چَنڊُ جِهڪو آهي،
ڦهلاءُ سندس ٻَرُ تي ڪيڏو نہ ڦِڪو آهي!

*

ڇڻ سڄ سَمائِي آ،
اڄ شامِ شَفق پَنهنجِي ڇانئِي تہ ٻٽائي آ!

*

ٻيڪارَ اَتيا آهن!
تو چنڊِ لَهي هاڻي ريڊارَ اَتيا آهن.

*

پَل چارِ حياتيءَ جا!
ڇا لاءِ پيو ڳائين هِي گيت مماتيءَ جا؟

*

اهڙا نہ اَننتن جا،
کهڙا نہ ڇڱا آهن، هي گيتَ بسنتن جا!

*

رابيل ڦُٽي آهي.
اڳ اِئن نہ سُڳنڌ اَن جي جڻ هيلَ ڦٽي آهي.

*

ڄڻ ڏَيلَ اَڏامي ٿي.
ٿي واءِ اَڏامي يا رابيلَ اَڏامي ٿي؟

*

ٿي دورُ رَئِي جهومي،
آلنب سُڪو اَن جي پيلاڻِ پَئِي جهومي.

*

هي شامَ، شَفق- لاوان
◆ آ لنب آجا سائو، ميدان تہ ميٽاوان.

*

مُڪڙي ٿي آٿِي تِرُ يا،
ڪو مڱُ پَيَمِ چنبڙي، تو ڪيتَ پَئِي ڦِريا!

*

◆ نوٽ: لنب جو ٻوٽو سُڪي، پيلو لڳندو آهي.

ھي تَنڙ مَتان ھيرَڻُ
پِيِ ڍُڪَ ۾ تي ويٺو ڪا ڌرِ مسافر جڻُ!

*

ڇا لاءِ نِميُون لاٽيُون؟
آ واءُ سرءُ جي يا هُو اَٽَ ڳِچي تاٽيون؟

*

اَڌ رات، ڪجيون، نيِرو،
ڇا پو ۾ لِڪِي پِيئُون آ چنڊ تہ پاسِيرو؟

*

تي باک ڦٽي هاٽي،
تارا ۾ ٻڏن ٽا پيا، تي رات ڪٽي هاٽي.

*

تو روجھ آچي وِيريءَ،
ڪيڏو نہ اَجايل آ جڻ اوجهہ آچي وِيريءَ!

*

اَج باک پَئِي هارِي،
جيکا بہ چِکي پيئي، سا ڊاکَ پَئِي هارِي.

*

هي راتِ ڪَڇهريءَ جي،
ڪيڏي نہ پئي آهي برساتِ ڪَڇهريءَ جي!

*

آ سمنڊ تہ آئيئو،
◆ ڏس ڪئن نہ ٺِڙڪو ڏَئِي ڳِڙڪائي مِڃي ڪِينو!

*

برساتِ، آڪيلائِي؟
ڇا لاءِ وَٺِي ٿِي پئي اڄ راتِ آڪيلائِي!

*

هي راتِ ٿَريءَ باهيون!
آ پَنڌُ پَري ڏاڍو، ڪجهہ وقت پَٽيُون ساهيِون.

*

◆ ڪينو: سمنڊ جو پکي.

اي هانوَ! لَنوِي ڪنهن سان!
◆ ٻَرسيمَ ڪجورين ۾ تو لانوَ لَنوِي ڪنهن سان؟

*

ڪيڏو نہ اُپارُ آهي!
آ سمنڊ ۾ ٻهريءَ جو ڪو آر نہ پارُ آهي!

*

هَوڏانهن نِمُون سايون،
هيڏانهن ٻَرّا پنهنجا سڀ ڳاڙهَ- سَرا پايون!

*

تون آهہ اڳر واندِي،
ڇا سونهن لتاڙيندينءَ؟ گل پوڪِ نہ پيراندِي!

*

ڄڻ گجَ ٻَريان ٻاريُون،
ٿي ڪوهہَ مٿان آيون اِئن جهوتجهڪڙي ناريُون!

*

◆ ٻَرسِيم: گاهہ جو اُترِ ۾ ڪجورين جي وچ ۾ پوکيندا آهن.

اڄ هاءِ ڪجوڙين جُون،
اي چنڊ اُيبون پانهون تو لاءِ ڪجورين جون!

*

ڪيڏي نہ ڪُبي آهين؟
ساريون تہ ويون ڪپجي ڇَڏ تون تہ ٿبي آهين!

*

سارنگَ پيا سارِيون،
ڪيڏي نہ اُساٽ آهي، اَڄ اُڄ جِئين آرِيون!

*

اهڙي تہ بُرِي آئِي!
آ ڊپرُ تيو گهرڙو، ڪلهہ رات لُرِي آئي.

*

هِي مرگهہ ڇپائي ڇڏ!
رينجر بہ اجهي آيا، اڄ ڳُنوارِ لِڪائي ڇڏ!

*

ٿويا تہ ھَيا ڪيئِي!
◆ ڪنھن جاءِ ٻَرِي جنڊو، تون راھ رَمِڻ پيئِي!

*

آ راتِ لَهِي آئِي،
تِي جامَ ستارن جا، مون لاءِ ڪَهِي آئِي.

*

آڪاڙ مَٿان اُيرِي،
سج نِنڊ منجھان نڪرِي ٿو لاڙَ مٿان اُيرِي!

*

تون آءُ تہ ھِي ٽر آ!
ڇا لاءِ جُتي پائين ڇَڻ پَٽُ پَٽيھر آ!

*

جَھنڪار وڃي ٿِي پئي،
ڪنھن پنڌِ ڇڏيو ويڙھو؟ ڇا ڪنوار وڃي ٿي پئي.

*

---

◆ ٿر ۾ جنڊن ۾ ڏلا ٻري ٻنهي پاسن کان رکندا آھن.

آ مُندَ انارن جي،
چِلڪاءِ نہ چورِي تون هي بوءِ بهارن جي!

*

ها، سَر ۾ تہ ڪيئي ها!
اي چَنڊَ هُئين جن ۾ ساگر ۾ گهٽيئي ها!

*

تي چَنڊَ ڏٺو سِينو،
ڪلهہ رات هئي چوَڏس، هو سمنڊ ۾ آئينو.

*

سُهڻو تہ هُيو سپنو!
پر پوءِ پکيڙِي جو، پيجرو تہ هُيو سپنو!

*

ميندِيءَ رَتل هٿ ۾،
◆ ڪيڏو نہ وَڻي پيئِي اڄ ڄارَ ڪَتل هٿ ۾!

*

---

◆ ڪتل: ڪارڪ.

چُپ چاپ نہ هڪ پَل هو!
لهرون تہ هُيون لهرون، پَر چنڊ بہ چنچَل هو!

*

اڄ مِينهَن پيو آهي،
ٿي سانجَهہ لَهِي سَر تي ڪُجهہ ڏينهَن پَيو آهي.

*

تو ڏانهن ڪَهِي آيس،
اي چَنڊ گهٽائن ۾ مان راتِ رَهِي آيس.

*

هي ڳهاٽَ مٿان ڳيڙُو،
تِرسول هيا هيٺان ۽ اَيَّ مٿان ٽيڙُو.

*

جَڻُ پَلَ اُڏامن ٿا.
آ وِيلَ ٽِپهري ءَ جي، اڄ آلَّ اُڏامن ٿا.

*

ڇا سَردُ فضا آهي!
ٿِي رات ٿِئِي پُورِي کهڙي نہ ھوا آهي!

*

هي واٽَ وَڇِڙن جي!
ڳُتڪار ٻُڌي آهي تو هيئَن بہ ڳيرن جي؟

*

ڏِسُ، ريت تہ آ ڳاڙهِي!
جئُن سجَ لٿو ٿر تي، هر پيٽَ ٻڌي ساڙهي!

*

اسرارَ ڏسين ٿو تون!
◆ ڄَر واءُ جيان جنهن ۾ سو چارَ ڏسين ٿو تون؟

*

هي ڀرُ ڇڏي ٽِنڊِڙيون!
ڄڻُ ڄڄُ وَڄي ٿِي ڪا، ايڏيون تہ وڳيون گهَنڊِڙيون!

*

---

◆ چار: ڪبڙ جو وڻ.

تي هيل ڏئي خوشبو،
ڪيڏي نہ عجب اگ ڪان رابيل ڏئي خوشبو.

*

تو سجُ لٿي راٽِي!
آڪاشَ منجهان چوريءَ آندِي تہ نہ ٻوراٽي؟

*

ٻي ڪي بہ ڪَهَل ناهي،
جئن گاهہ مٿان هَرٽِي، تو باڪَ مَهَل ناهي!

*

جنهن وقت بہ چانورِڙو،
ءِ اَپ مٿان بادل، آ سجُ بہ سانورِڙو!

*

اڄ ڏينهن تہ چڻ ٽانڊو!
آ سجُ لٿو ٻَرٻَر، ٻَر پوءِ بہ پوچانڊو! ◆

*

◆ پوچانڊو: جتي پٽ جي ٻجاڙي هجي، ان جاءِ کي چئبو آهي.

بادل نہ گَڙيا آهن،
اَڄ سَڄ اَپار آهي، هيرَڻ نہ هُڙيا آهن!

*

هو ڇَار مٿان دوڏو،
❖ ڪيڏانهن ويو اَڏرِي، جئن ٻار ڏنو لوڏو؟

*

◆ ڄڻ ڪوسَ ٻوَڻ تي آن،
هيڪار ٻَرِي آئينءَ ٻيهار ٻوَڻ تي آن؟

*

لُوٽاتَ ائين وارِيءَ،
جئن سَمندُ هٽي ڇوليون! آ واتَ آئين وارِيءَ!

*

ڏڳُ روز اَلي ويندي،
ڪَنهن وقت سڳنڌ ايندي، ڪنهن وقت هَلِي ويندي.

*

---

❖ دوڏو: بلڪل ڪاري رنگ وارو، ڪانو ڪان ٿورو وڏو پکي.

◆ ٻوَڻ: ڪوهہ ۾ ڪٺي جنهن ڪي ڪوس (ٻوڪو) ٻاٽي ٻرڻ لاءِ هيٺ لاهبو آهي.

ڏِسُ سونَ مياٽيءَ تي،
ڪيڏي نہ شفق گهِري ڇا رنگ نہ پاٽيءَ تي!

*

ڪيڏو تہ نہ آڪاڙهو!
آ سِجُ تَتو سَسئِي! تو دور وجي هاڙهو!

*

ڇا سانجهہ سُنهري آ!
پر عُمر تہ وَس ناهي هِي ناوَ اُبهري آ!

*

مَهراڻُ وَهي تو پيو،
تارَن تہ ڏنا ٽوپا پَهراڻُ ٿهي تو پيو.

*

ماندڙ اُڏيڙيو ٿِي!
اي راتِ، سندءِ جُگنوءَ پَهراڻُ اُڏيڙيو ٿِي!

*

تي سيءَ نہ ڪارونجھر!
وڻ واءُ سُڪايا سَڀَ ڪو جيءَ نہ ڪارونجھر!

*

ڇا راتِ ٻري پيئي!
جگنو تہ پيا چمڪن برسات ٻري پيئي!

*

ٻهڪي تہ پيو مورو!
اڄ مينهن پيو ڏاڍو مهڪي تہ پيو مورو!

*

ڪنهن مينهن ڀنل وَل ۾،
دل ڪيئن وئي وِچڙي ڪلهه راتِ سُجاوَل ۾!

*

ڪلهه رات سُجاوَل ۾،
جئن پارِ پکي ٻيڙي، تو ڏانهن ڀِڳس پَل ۾.

*

کلهه سِجُ تہ رانيُوتا،
اڄ ڏينهن ٿَريو آهي، ڪجهہ مينهَن پِئا جهُوتا!

*

هي ڳالهڙِيُون هُن سان!
ماڻهو تہ نہ مِڙائو، ڇڻ لاٿَ پيو هان مان!

*

اَڄ رات عَجَبَ آهي!
گجگاٽ ٿيا ڪيڏا، تنُن ڳاج غضب آهي!

*

ڇا رات رَتل آهي!
رابيل ٽِڙي آ اِئَن ، ڄڻ مَدُ مَتل آهي!

*

هي ڪارِ بتيون آهن،
تو لِيڙَ لڳي رَستو، ٽي چار ڇَتيون آهن!

*

هي راتِ اُماوَس جِي!
اَڌ راتِ اَتي ويٺدينءَ، تو ڳالهہ نہ وَس جي!

*

ماٺهو تہ ڪٻا آهن!
برساتِ پئي آهي، ڪيڏا نہ دٻا آهن!

*

ڇا جيءَ پيو جهمڪي!
جي آگ اُجهامِي وئي، ڏِس! وِجُ پئي چِمڪي.

*

ڪَڙڪاٽ ڪِنوَڻ جا ٻَڌ!
ڪيڏا نہ پڪي اُڏريا تَڙڪاٽَ تہ وَڻ جا ٻَڌ!

*

آ مُندَ نموري جي،
ڇَٽنديون ٻہ تہ ڇا ٿيندو، ڏِس ڇيچَ تہ ڇورين جي!

*

برسات پَئي آ ٿَر،
اڄ ڪالهہ نہ ڪاريهر جِئن رات ڪٿي تي ڪَرَ!

*

تون آءُ اُٿي سانوَڻ!
ڪر چَندَ جِيان سَرچِي پَرچاءِ اُٿي سانوَڻ!

*

هي گهنڊ مٿان پوپٽُ،
جئن گهنڊ وڳو، اڏريو آڪاسِ ڪَيائين گهٽُ! ◆

*

ڪٿ راتِ پئي آهي!
هر جاءِ وَئو سانوڻُ برساتِ پئي آهي!

*

وَڻ ٽَڻ تہ ڏٿاري وَئي،
برساتِ پِئي ايڏِي ٿوهر بہ ڦلاري وَئِي!

*

ڏِس، وِڄُ ڪِلي آهي!
هي ٻَجَ گهٽائن جي، جڻ راتِ ٻلي آهي!

*

◆ گهٽ: رستو.

سنگيت ڇڙي آهي،
جڻ مُند ڦري ويئي، ٽانگر تہ ٽِڙي آهي!

*

چوَندين تہ گلاب آهي،
تو آنءُ ڏسان خوشبو، مون لاءِ نقاب آهي!

*

جئن ديدَ دَري ٻوٽِي،
هڪ کارِ پٽي آئِي ڪيڏانهن وئِي گم ٿِي؟

*

رانئِي ريتيءَ رُوءِ،
هي جا پِڻُن ياڪُرين اهڙي ڪائي جُوءِ!

*

آڌيءَ راتِ اَبوءِ!
ڪيڏا تارا اَڀَّ ۾ جن کي ناهي پوءِ!

*

جهونجهڪڙي ۾ ماتَ!
ڪنهنجا ڪنهنجا ميرا ڪپڙا توتي ڌوٻي گهاٽ؟

*

## شيخ اياز جو جلد ايندڙ نئون ڪتاب

# سر لوهيڙا ڳيپيا

يادگار ڪتاب۔ صفحا ۴۰۰۔ خوبصورت ٽائيٽل

## شيخ اياز جا تازا شايع ٿيل ڪتاب

# ڪتين ڪر موڙيا ڄڀن (ڀاڱو I)

ڪتاب مان ڪنيل ٽڪرو: ڊاڪٽر! تو چيو آهي ته شاعري منهنجي صحت لاءِ چڱي نه آهي ۽ انڪري تو صلاح ڏني آهي ته جيستائين مان بيمار آهيان، ڪجهه نه لکان. ڇا تون گارنٽي ڏئي سگهندين ته جي مان ڪجهه نه لکان ته نه مرندس؟

۱۲۰۰ بيت ۽ ۱۰۴ صفحن جو مهاڳ. بيت ٽن هارٽ اٽيڪ دوران احساس متعلق آهن ۽ مهاڳ، موت جي فلسفي تي لکيل آهي.

خوبصورت ٽائيٽل۔ صفحا ۳۶۰۔ قيمت -/۹۰ رپيا.

# ڪتين ڪر موڙيا ڄڀن (ڀاڱو II)

شيخ اياز جي هن ڪتاب ۾ ۱۸۰ وايون، آزاد نظم ۽ نظمن کان علاوه دنيا جي چوٽي جي ۱۴۰ اديبن، سائنسدانن، دانشورن، فلاسافرن، مفڪرن، سياستدانن، عالمن، ليڊرن وغيره تي نوٽس لکيل آهن. جن مان ڪجهه جا نالا هي آهن: البرٽ ڪامو، ابن سينا، ارسطو، اسٽالن، افلاطون، البيروني، امام غزالي، اميرخسرو، انٽا اختموتوا، ٻڌ، ٽالسٽاءِ، ٽئگور، پبلونرودا، پشڪن، چي گيويرا، ڊارون، روسو، شلر، شيلي، شولوخوف، عمرخيام، غالب، فارابي، ڪاليداس، گوئٽي، لينن، مائيڪل اينجلو، گانڌي، نٽشي، ٽراٽسڪي، ڪارل مارڪس، وڪٽرهيوگو، هومر، هيگل، هيمنگوي، هيوم، ابن رشيد، امام رازي، اوسپينسڪي، ايمرسن، بڪونن، سئفو، شوپنهار ۽ شيڪسپيئر وغيره. صفحا ۴۰۰۔ قيمت ۱۰۰ رپيا.